آواز جي خوشبو
غلام نبي گل

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

ٻئي جي دروازي تي ڪو بيٺو سڏي،
مون کي اُن ” آواز جي خوشبو “ اچي.

SOORIH SINDHI ADAB

آواز جي خوشبو

غزل

غلام نبي گل

SOORIH SINDHI ADAB

ياگهي ڇپائي گهر
بابهه، لاڙڪاڻو - سنڌ.

حق واسطا شاعر جي ٻلي

ڪتاب جو نالو	:	آواز جي خوشبو (شاعري)
شاعر	:	غلام نبي "گل"
ڳاڻيٽو	:	هڪ هزار
لي آؤٽ	:	سعيد ميمڻ
ٽائيٽل	:	رضوان
ڇاپو پهريون	:	جنوري ١٩٩٣ع
ڇپائيندڙ	:	ٻاگهي ڇپائي گهر، باڊهہ، لاڙڪاڻو- سنڌ.
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ	:	ڀٽائي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو.
ملھ:		٥٠ رپيا

AWAZ JEE KHUSHBOO (Poetry)

By	:	Ghulam Nabi "**Gul**"
Lay out by	:	Saeed Memon
Title Design by	:	Rizwan
First Edition	:	January 93
Published	:	Baghhi Chhapai Ghar Badah, Larkana.
Computer Composing	:	Bhittai Computer Composing Centre Bunder Road Larkana.

Price: 50/=

SOORIH SINDHI ADAB

ارپنا

ابي ۽ امڙ جي نالي

جن جي وجود جو حصو

آهيان.

SOORIH SINDHI ADAB

اداري پاران

زندگي ، لڳاتارجدوجهد جو نالو آهي، پوءِ اها جدوجهد کھڙي بہ ماڳ تان ڪئي وڃي. غير متحرڪ خيالن کي چر پر ۾ آڻڻ، داخلي عمل ۾ ولوڙڻ ڪانپوءِ اظهار جي صورت ڏيڻ ۽ جيڪڏهن انهيءَ جي پهچ بنان ڪاٺ جي ماڻهن ۾چرپر پيدا ڪري تہ پوءِ اهابہ جدوجهد آهي. ڪوماڻهو ڪيترو بہ داخليت پسند ڇو نہ هجي، اهو پاڻ کي جدو جهد ۽ تحريڪ کان بنهہ ڪٽي نٿو سگهي، پوءِ اها جدوجهد خيالن جي هجي، جذبن جي هجي، خوابن جي هجي يا سماجي وهنوار جي، پنهنجي سماج ۾ سڄاڻ ۽ حساس ماڻهن ۾ تحرڪ ضرور پيدا ڪندي آهي. شاعري، اظهار ۽ ابلاغ جي اها جدوجهد آهي، جيڪا مزاحمت بہ ڪري ٿي تہ مدافعت بہ. جيڪا خيالن، جذبن، لفظن ۽ اکرن جي هٿيارن سان وڙهي وڃي ٿي پر پوءِ بہ عدم تشدد ۽ اهنساتي بيٺل آهي.

اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي تہ اسين شاعريءَ جي اڻ ٽڪ پانڌيڙي غلام نبي گل جي شاعريءَ جو ڳٽڪو "آواز جي خوشبوءِ" جي نالي سان ڇپائي رهياآهيون. جنهن ۾ هن خيالن،جذبن، لفظن ۽ اکرن جي هٿيارن سان پيار، امن ۽ انسانيت جي ويرين خلاف مزاحمت بہ ڪئي آهي. تہ پنهنجي موقف جو پڙ چار بہ. گل صاحب جي شاعري هڪ ئي وقت ڪيڏارو بہ آهي تہ ڪلياڻ بہ، فرق رڳو متبادل قوت جو آهي تہ هي ٻنهي مان پاڻ لاءِ ڇا بهتر سمجهي ٿي-

هي اسان جي اداري جو ٽيون ڪتاب آهي، هن کان اڳ ڇپيل ٻئي ڪتاب نج تنقيد تي ٻڌل هئا. تنهن ڪري اسين موضوع جي خشڪي ۽ يڪسانيت کي ڏور ڪندي ۽ پنهنجي روايتي ادبي ورثي سان پاڻ ملهائيندي ،نج غزل جي شاعريءَ تي ٻڌل غزل جي منفرد شاعر غلام نبي گل جو"آواز جي خوشبوءِ" نالي ڪتاب ڇپائيندي ڏاڍي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون. اميد رکون ٿا تہ پڙهندڙ انساهيندڙ موٽ ڏيندا.

۴ ڊسمبر ۱۹۹۲ع

عادل عباسي

سوچ جو سفر

”آوازا جي خوشبوءِ“ منهنجي شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب آهي. پهريون ڪتاب ”رات باقي آ“ ڊسمبر ١٩٩٠ع ۾ ڇپيو هو.

صرف ٻن سالن جي وِٿي ۽ وقفي ۾ ٻيو ڪتاب آڻڻ، ان لاءِ مان پاڻ ڇا ٿو چئي سگهان!

”آواز جي خوشبوءِ“ مان معلوم ٿيندو ته منهن جي سوچ ڪيترو سفر ڪيو آهي!!

ان سوچ جي سفر ۾ ڪِٿي گلن جي مهڪار آجيان ڪئي اهي. ته ڪٿي ڪنڊن پليڪار ڇئي آهي. حقيقت جي تلاش ۾ پنهنجي ذات کي جيترو اُڌيڙي سگهيس، جيترو ٽوڙي ڦوڙي سگهيس. جيترو ماحول جي اتار چڙهاءَ کي جاچي سگهيس. جيترو تجزيو ۽ تجربو ڪري سگهيس، اهو ئي ”آواز جي خوشبوءِ“ ۾ آهي. ائين جيئن زندگيءَ جيڪو ڪجهه مونکي ڏنو آهي، اهو موٽائي رهيو آهيان.

شعر جي پنهنجي زمين آهي. اها زمين ڪٿي هموار، ڪٿي ناهموار هوندي آهي.

شاعر کي تمام هوشياريءَ سان فن ۽ فڪر کي ساڻ ڪٿي سفر ڪرڻو آهي. جيئن سندس دسترس ٻنهي تي هڪجهڙي هجي.

پوري خبرداريءَ هوندي به ڪٿي فن جو پير تِرڪي ٿو پوي، ته ڪِٿي فڪر ٿاٻوڙو کائي. ان سبب ئي هر شاعر جو هر شعر آبدار ٿي نٿو سگهي. ڪٿي فن جي ته ڪٿي فڪر جي ٿوري يا گهڻي ڪمي رهجي ٿي وڃي ۽ شعر مختلف ڪوالٽن ۾ ورهائجي ٿا وڃن. چڱو، سٺو، تمام سٺو ۽ ڪاٿي ته ڪو شعر مرڳو ڀرتيءَ جو بند رهجي ٿو وڃي.

بهر حال شاعر پوري ايمانداريءَ سان ڪوشش ڪندو رهي ٿو، جيئن هو پنهنجي جذبن سان پورو انصاف ڪري سگهي.

شاعري جي باري ۾ مختلف رايا آهن:

شاعري ٻڌڻ جي شيءِ آهي، شاعري خاموشيءَ سان ليٽي پڙهڻ جي چيز آهي، شاعري ڳائڻ جي شيءِ آهي وغيره.

حقيقت ۾ شاعري احساسن کي ڇُهڻ وارو عمل آهي. اهو عمل مختلف احساسن کي مختلف نموني ڇهي ٿو.

وڏي ڳالهه ته شاعر، پنهنجي شاعري کي ايترو سمجهي نه سگهيو آهي، جيترو ”سُخن سمجهڻ وارو“ پڻ ته اهو شاعر نه ٻه هجي.

شاعر جو ڪنهن هڪڙي پاسي خيال ويو هوندو، مگر سخن سمجهڻ وارو، گهڻ پاسائون معنائون ڪري، خود شاعر کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، ۽ شاعر سوچ ۾ پئجي ويندو آهي ته هيتريون معنائون ڪٿان نڪري آيون.

مان اهو اعتراف ڪندو هلان، ته جيڪڏهن مان پنهنجو ڳوٺ گهتهڙ ڇڏي، لاڙڪاڻي شفٽ ٿي نه اچان ها! ته منهنجي شاعريءَ ۾ هِي جو رومانيت کان حقيقت پسندي وارو موڙ آيو، جيڪر نه اچي ها!!

(رومانيت کان اصلي فرار ٻه ڪونهي، ڇو ته جنهن جي اندر ۾ رومانيت نه آهي، اهو شاعر ٿي نٿو سگهي. البت اظهار جو طريقو تبديل ٿي ويو آهي)

هتِي لاڙڪاڻي ۾ دوست اهڙا مليا، سنگت اهڙي ملي، ماحول اهڙو مليو. انسان هميشه پنهنجي ماحول، ۽ ماحول سان گڏ پاڻ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

”رات باقي آ“ کان ”آواز جي خوشبوءِ“ تائين منهنجي شاعريءَ جيڪو فاصلو طئي ڪيو آهي. ان ۾ مسلسل تبديلي ايندي رهي آهي. چاهي ان جي رفتار آهستي ڇو نه هجي!

(هيءَ منهنجي شاعري ۱۹۸۴ کان پوءِ جي شاعري آهي.)

ڪا به شيءِ تخليق بعد مون ائين محسوس ڪيو آهي تہ، "سڀئي شيءِ تخليق ڪئي اٿم" مگر تخليقي عمل ۾ غير محسوس طور اهو واضح ٿيندو وڃي تہ، "قدم اڳتي اجان اڳتي" بہ تخليقڪارن سان ائين نہ بہ ٿيندو هجي، مگر مونسان ائين ٿيندو رهيو آهي، ۽ ٿيندو رهي ٿو. "آواز جي خوشبوءِ" کي ترتيب ڏيندي سوچيندو رهيس تہ پيش لفظ لکڻ لاءِ ڪنهن کي درخواست ڪجي. ڪيترائي "وڏا" نالا ذهن ۾ آيا، مگر وڏن تائين پهچڻ ۾ ڪيترائي مرحلا آڏو هُئا. ان کان سواءِ وڏن کي اهڙي فرصت ڪٿي؟

سال بہ پيش لفظ لکڻ ۾ لائي ڇڏيندا. مهنجي عمر ايترو انتظار نہ پئي ڪري سگهي سڻ سالن کان اڳتي سفر ۾ آهي.

هونئن بہ پيش لفظ کي سَنَدَ يا سرٽيفڪيٽ طور وٺڻ نہ گهرجي. سَنَدَ يا سرٽيفڪيٽ شاعر جي پنهنجي شاعري آهي.

آخر ۾ مان انهن سڀني دوستن جا ٿورا مڃڻ ضروري ٿو سمجهان ، جن "رات باقي آ" کان "آواز جي خوشبوءِ" تائين سهيڙڻ ۽ ڇپائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ سهڪار ڪيو.

خاص طور محمد علي پناڻ، رزاق مهر، واجد، سرڪش سنڌي، جواد جعفري، عادل عباسي ۽ سعيد ميمڻ جو وڏيڪ ٿورائتو آهيان.

هڪ گهڙي گل قرب تنهنجو،
عمر جو ٿورو لڳي ٿو.

۲-۱۲-۱۹۹۲ع

غلام نبي گل
لطيف ڪالوني رحمت پور
لاڙڪاڻو.
فون نمبر 61530

پنهنجي نظريي جي خود نفي آهي،
جو غلط هو، اهو صحي آهي.

ڪيڏي پي آڪَڙي، ڪَسي، ليڪن،
زندگي پوءِ بہ زندگي آهي.

روشنيءَ آ ڪتان لِئو پاتو،
اوندهہ جي ڪا دري کُلي آهي.

ڪوئي سپنو جي تي پوي ساپيا!
ڳالهہ سولي بہ جڻ ڏکي آهي!!

يا، تہ تنهنجّي نظر هُئي ڌوڪو!
يا، تہ منهنجي نظر ڀُلي آهي!!

مُرڪ جي وئي مَري تہ چا تي پيو!
مهڪ گل جي ڳَلي ڳَلي آهي.

ٻئي جي دُکَ جو جڏهن ٿيو احساس،
گهٽجي ويو پنهنجي درد جو احساس.

ڪاٿي پهچي نٿو سگهي ڪوئي،
پنهنجي ئي بي وسيءَ جو احساس.

رات پاسا ورائيندي گذري،
ننڊ کي پر ڪٽي هُئو احساس!

جيئن ئي وينس اچي پَکي هيٺان،
ڪيڏو گرميءَ جو ٿيو نہ هو احساس.

پريان ماچيس جي ٻري تيلي،
اونداهيءَ جو وڌي وَيو احساس.

پيو ٿو هر وقت جُهنڊڙيون پائي،
پنهنجي اندر جو ئي آ ڪو احساس.

گل، تہ پاڙيسريءَ جي آ گهر ۾،
ساهہ ساهہ کي سڳنڌ جو احساس!

هر گهڙي ڪان پتو پڇان تنهن جو،
گوليان ڳوليان نہ گهر لهان تنهن جو.

واندڪائي ملي تي يادن ڪان،
ناڻ وينو تو بس لڪان تنهن جو.

ڪنهن جي نيَت جو پروسو ڪهڙو!
ذڪر ڪنهن سان نٿو ڪيان تنهنجو!!

اوچتو چرڪ تو وجي نڪري،
جاڳ ۾ خواب تو ڏسان تنهن جو.

چؤ طرف آ هجوم چهرن جو،
ڪوئي اهڙو نہ آ، چوان تنهن جو!!

ڪير نظرن ۾ تو رهي هر دم!
ناڻ گل ڪيئن پلا ڪٿان تنهن جو!!

ڪنهن ڪان پَتو پڇان مان!
پنهن جي تو گهر وڃان مان.

پنهن جي ئي گهر ۾ جيڪر،
مهمانُ تو لڳان مان.

ڪيڏو نہ رَتُ ولوڙي،
هڪ شعر تو لکان مان.

رستو نہ تو سُجهي ڪو،
هر راهہ تو ڏسان مان.

اُپ جون ڪيان تو ڳالهيون،
ڌرتيءَ تي تو رهان مان!

سڀ ڪجهہ ٻُڌان تو، ليڪن،
ڪجهہ پي نہ تو ٻُڌان مان.

هڪڙو تہ گل نہ آهي!
ڪنهن ڪنهن جي مُنهن لڳان مان!!

ڏسندي سان ئي جادو ٿي ويا،
نيڻ نيڻن ۾ قابو ٿي ويا.

مون تي جي الزام هڻن ٿا،
سي سڀ شايد ساڏو ٿي ويا.

آخر ان کان ڪٿجي وياسين،
پيار اسان جا واڏو ٿي ويا.

ماٺهو يا پٿر ويا بڻجي!
يا مٽيءَ جا ماڌو ٿي ويا!!

جذبا پي فنڪاري ڪن ٿا،
جوش به جڻ هٿراڌو ٿي ويا.

پيا ٿا اندر چيرن قاڙن،
درد به جڻ ڪي ڏاتو ٿي ويا.

توسان گل گڏ رهندي رهندي،
ساهه به سارا خوشبو ٿي ويا.

ڪو پَتو، ڪو پَرو ملي ويندو،
سوچ ڪي ڪو سَرو ملي ويندو.

جر آ جر مان مڇي نہ وچڙي آ،
جي نہ ڪُرڙو، ڏَرو ملي ويندو.

تي هماليہ جي وئي آ سَر چوٽي،
سمنڊ جو پي تَرو ملي ويندو.

هيرا ڦيريءَ جو دور آ، پوءِ پي،
ڳالھہ جو ڪو ڪَرو ملي ويندو.

ساڳيا هٿ، ۽ ورهاستون ساڳيون،
ڪيئن ڇوان! ڪو ذرو ملي ويندو!!

جي پين جي شَري جي ڳالھہ تا ڪن،
خود انهن ۾ شَرو ملي ويندو.

گهر ڊٺو آ، محل ڊٺو ناهي،
ٽوٽي ڪا، ڪوورو ملي ويندو.

ڪوئي پٿر بہ هنيانءَ تي هلڪو،
ڪوئي ڪل پي ڳَرو ملي ويندو.

خير ڪتندي هٿ سڙي پيا،
مرڪندي ڳوڙها ڳڙي پيا.

جن جڏي ڪاوڙ هئي ماري،
چرچي چرچي ۾ چڙي پيا.

پڇ نہ مون ڪان پيچرا پنڌ،
پير پٿر جا مڙي پيا.

ڪيئن جڙن تا شعر مون ڪان!
مان نہ ڄاڻان ڪيئن جڙي پيا!!

ڳالهہ توڙي هئي خوشيءَ جي،
لڙڪ اکڙين مان لڙي پيا.

تنهن جي چهري ڏي ڏسي ڳل!
ڪيترا چهرا ترڙي پيا.

ريءَ لذت گناهہ تئي تو پيو،
زندگيءَ سان نباهہ تئي تو پيو.

ڪيترن سان اُچائٺو پوندو!
تو تہ هڪڙي سان ناهہ تئي تو پيو!!

روز ماڻهو گهُرن تماشو نئون،
روز ڪو گهرُ تباهہ تئي تو پيو.

توکي سينگار کان ڪٿي فرصت!
ڪنهن جو سورن ۾ ساهہ تئي تو پيو.

ڪيڏي جهر مر وجي چٽي تيندي،
ڏار تارن کان ماهہ تئي تو پيو.

گل عجب روپ ۾ نظر آيو،
چانڊوڪيءَ سان چاهہ تئي تو پيو.

چا تہ آ روپ چا نظر تنهنجي،
شهر ۾ آ گرم خبر تنهنجي.

خون ناحق، تہ رنگ لاتو آ،
سُرخي سُرخي بڻي خبر تنهنجي.

توڙي تي وڃي رهاڻ ئي ڪا،
شام خالي هجي اگر تنهنجي.

ڪيئن ڏِيان زير اُن اکر تي مان،
جنهن تي آهي ڏنل زَبر تنهنجي.

تون، تہ ٻي راهہ سان وَيو هوندين،
هڪ، تہ ڪانهي ڪا رهگذر تنهنجي.

ائين پلا تي سگهي ٿو، تون ئي ڄاڻ!
چهرو منهنجو هجي نظر تنهنجي!!

مون اُڏاريو خيال ڪي، ليڪن،
ڪيڏي اوچي هُئي اُڏر تنهنجي.

هر ڪا موسم، آ تنهنجي موسم گل!
شام تنهنجي آ، ۽ سحر تنهنجي.

شام تي سُرهي پوي، جي تون اچين،
صبح پي مهڪي پوي، جي تون اچين.

آئينو پي تو لڳي ڪيڏو اداس،
آئينو مُرڪي پوي، جي تون اچين.

ڏات ڪيڏا ڏينهن ٿيا وئي آ رُسي،
گيت ڪو سرجي پوي، جي تون اچين.

چنڊ پي توڪي تلاشي ٿو پَيو،
اُٿيهين ايري پوي، جي تون اچين.

هِي سڄو وايو منڊل مٺجي وڃي،
زندگي ہي ٿي پوي، جي تون اچين.

گل ٽڙي پوندا خوشيءَ جا ڪيترا،
هرڪا رُت ريجهي پوي، جي تون اچين

اشاري اشاري ۾ ڇا ويو چَئي آ!
نظر اُن اشاري ۾ الجهي پَئي آ.

الائي ڇو رستي تي بيٺو اڃان آ!
نه ڪو قافلو آ، نه اُن جي رَئِي آ.

نظارو به ڇا تو الائي ته چاهي!
نظر جي به نيت بدلجي وَئي آ.

هجي ها جي اوندهه اکيون کيئن ڏسن ها!
اها مهرباني اُجالي ڪَئي آ.

اهوئي عجب آ، ته ڪو اجنبي گل!
سڄاڻپ جو ڪارڊ وَيو جو ڏئي آ!!

جيُ هئا پرسال سي ئي هيل جا،
سپنا سپنائي رهيا هر ويل جا.

سي وڇوڙي ۾ ائين گذري ويا،
ڏينهن ها تنهن جي ۽ منهنجي ميل جا.

ڪيتري حسرت هُئي ڪوئي ٻڌي،
گيت ها، ۽ بند ڪمرا جيل جا.

آ، اهو هيرو ڪڏهن ولِين هُئو،
روپ سارا زندگيءَ جي ڪيل جا.

روشني، هر حال ۾ آ روشني،
رَت جا ڏيئا ٻرن، يا تيل جا.

پوءِ ٻي پياسا لڳا پئي ڪيترو،
سمنڊ جو ساحل، ۽ وڻ ناريل جا.

ويڇڙو هوندي، نہ گڏجن پاڻ ۾،
تون ۽ مان ٻي جڻ سليپر ريل جا.

ماڪ ۾ ٻوتا تہ نڪريل تي لڳا،
گل، مگر سڙندا رهيا رابيل جا.

ڇا ٿو سوچيان، ڇو ٿو سوچيان!
ڇو ٿو آخر ايڏو سوچيان!!

تنها تنها ويا ڪل ويا ڪل،
بند ڪمري ۾ ويٺو سوچيان.

ڪهڙي صورت ملجي توسان،
اهڙو ڪوئي ناتو سوچيان.

منزل منهنجي سامُهون آهي،
مان ته مگر پيو رستو سوچيان.

ڪاٿي پنهنجو پاڻ وڃايم،
رستي تي ٿو بيٺو سوچيان.

درد پڻ پيارا، دل پڻ پياري،
دردن جو، يا دل جو سوچيان.

سپنن جهڙو سندر سندر،
ٻيو ڇو گل مان نالو سوچيان!

ڪشمڪش آ بال جي، ۽ ٻيٽ جي،
زندگي جڻ راند آ ڪرڪيٽ جي.

پٺ ورائي ڪين ڪوئي پنهنجي ڏسي،
هر ڪوئي پرورش ۾ آ پيٽ جي.

تون اُلاري ڇو اکيون آهين اُتيو!
ڳالهہ تنهنجي منهنجي ناهي ڀيٽ جي.

ٻَئي هوائن ۾ اُڏامن تا، مگر،
شرط کهڙي جهرڪ جي، ۽ جيٽ جي!

آ، نوازش ڪيتري نااهل تي،
سونُ تي واري وَئي اُپهيٽ جي.

ڪين نہ پنهنجي پريت گل جاڳي اُتي!
چوڏهين جي رات، رُت اَچيٽ جي.

تون تو اڄين دل ڌڙڪي ڇوٿي!
ڇاتي ڇاتي ٿڙڪي ڇوٿي!

ڪنهن هنيو ڇهبڪ آ هوا کي!
آخر ايڏو ڦڙڪي ڇوٿي!!

گهر تہ سڙي ٿي خاڪ وَيو آ،
بجلي هاڻي ڪڙڪي ڇوٿي!

برف وسي ٿي ٻاهر ڪيڏي،
ٻاهہ بدن ۾ ڀڙڪي ڇو ٿي!

پهچڻ ڪان ڪو دور وَيو ٿي،
چاهت پوءِ ڀي لڙڪي ڇو ٿي!

بند هوا، ٽپڪي بہ نہ آ ڪا،
ڪِڙڪي آخر ڪَڙڪي ڇو ٿي!!

پاڻ کي اهڙي ڪٿي هئي جاڻ ڪا،
تي گلا سان گڏ هلي واڪاڻ ڪا.

ڪا گهڙي دل کي ڪٿي بهلائجي،
ياد پي اڄ ڪلهہ نہ آهي ساڻ ڪا.

شهر ساري ۾ وئي آ ڦهلجي،
ڳالهہ ۾ شايد هئي سرهاڻ ڪا.

دل تي نامعلوم ڪوئي بوجهہ آ،
ڪاش! جي ان ۾ اچي هلڪاڻ ڪا.

توکي ڏسندي گل اهو ممڪن لڳي،
چهري تي آئي هجي لالاڻ ڪا.

تنهنجو بس چاهه مون کي ڏسڻو هو،
پنهنجو ويساهه مون کي ڏسڻو هو.

جهڙو پهتو پَئِي ڪنن تائين،
اهڙو اُتساهه مون کي ڏسڻو هو.

هُن جي دعوا بہ ڪجهہ هُئي اهڙي،
ساهہ ۾ ساهہ مون کي ڏسڻو هو.

چاهہ جو چاڙهہ هو ڏٺو ڏاڍو،
چاهہ جو لاهہ مونکي ڏسڻو هو

تنهن جي چهري تي ڪجهہ لکيل تہ نہ آ!
ڪوئي اُفواهہ مونکي ڏسڻو هو.

ڪوئي چهرو اچي وَيو سامهون،
گل، يا ماهہ مون کي ڏسڻو هو.

راهه ۾ جي روهه هوندا،
پوءِ به مهڪيا موهه هوندا.

تنهنجي ڪاتي هو نه هڪڙو،
سڀ اسان ڏي ڏوهه هوندا.

پر اُهي هونديون نه نظرون،
موسمن ۾ موهه هوندا.

تنهنجي ڪاوڙ ۾ به پيارا،
پيار ۽ پاٻوهه هوندا.

ڪو اجهو هوندو نه اوچڻ،
پَتِ پارا پوهه هوندا.

ڪيئن ٻڏي آرام سان ڪو،
ڇولي ڇولي ڇوهه هوندا.

تون پرائو ٿي وَئين گل!
وقت جا ڪي ٻوهه هوندا!!

دروازو جـو كـڙكي تـو پـيـو!
پـردو دَرَ جـو ڦـڙكي ٿـو پـيـو!!

ٻـيـن جـي سـک آرام جـي خـاطـر،
چـت جـو پُكو لـڙكي ٿـو پـيـو.

كـيـر يـلا ايـنـدو يـاكـر ۾!
سـيءُ ٻـ كـيڏو ٿـڙكي ٿـو پـيـو.

سـرديءَ كـي گـرمـي تـي گـهـرجـي،
بـرف ۾ شـعـلـو ڀـڙكـي ٿـو پـيـو.

بـجـليءَ جـي كـڙكـن سـان گـڏ گـڏ،
كـو آواز ٻـ كـڙكـي ٿـو پـيـو.

دل تـہ سـدائـيـن تـڙكـي تـي گـل!
درد ٻـہ دل سـان تـڙكـي ٿـو پـيـو!!

مون کان اڄ ۾ منهنجو گهرُ ڏس!
گهر جي هر ديوار، دَر ڏس!!

منهنجو تو هر لفظ پرکين،
پنهنجو پي هڪ هڪ اکر ڏس!

هر نظر پترائجي وَئي،
انتظارن جو اثر ڏس!

تون اُجالن جو پچاري،
کنهن جو اوندهہ سان گذر ڏس!

پروسي ۾ لٽجي ويو ڪو،
سادگيءَ جو هي سفر ڏس!

زندگي ويندي سنورجي،
گل! رکو هڪڙي نظر ڏس!!

ٿهيل ڪو تصوّر ٻَهي ٿو وڃي،
تڏهن هُو ٻه دل تان لَهي ٿو وڃي.

ٽُٽي ٿا پون سُور سر تي سوين،
نه سهندي ٻه آخر سَهي ٿو وڃي.

نه پڇ مون ڪان دل جي اُها واردات!
جڏهن شعر ڪوئي چُهي ٿو وڃي.

ڪڏهن قرب پيرن تي موتي پوي،
ڪڏهن ڪوهه تي پي ڪَهي ٿو وڃي.

اجايو رکي من چو ميلن جي تانگهه،
اڪيلو اڪيلو ٿَهي ٿو وڃي.

نه جي هوندي شبنم، ته هوندو ڀؤنر،
ڪوئي رات گل سان رَهي ٿو وڃي.

سوچ پنهنجي ئي تو پيرن ۾ ڏسي،
ڪو اُتي! پر آسري ڪهڙي اُتي!!

آئيني کي ڪيئن پلا ملندو پتو!
ڪنهن جي دل ۾ چور جي وڃنو هجي!!

دل جو دل سان رابطو آهي ائين،
جيئن تو "وائرليس سِسٽم" ڪم ڪري،

ڳالهه پوءِ، اڳ ۾ هَوا جو رُخ ڏس!
جو پلا طوفان کي دعوت ڏجي!!

بند دروازو پَيو هڪدم کُلي،
هُن چيو جڻ لفظ "سم سم" جو هجي.

گل ڏسان، يا گل جهڙو چهرو ڏسان!
فيصلو اک کي ڏکيو ڏاڍو لڳي!!

نانءُ ئي ڳورو لڳي ٿو،
پيار ڪان پورو لڳي ٿو.

ڪيئن جوان آهي اُمهايل!
ٿانءُ ئي ڪورو لڳي ٿو.

زندگيءَ جو گيت پيي جڻ،
موت جو مورو لڳي ٿو.

پاڻ پوڙهو ٿي وَيو آ،
شوق، پر ڇورو لڳي ٿو.

هڪ گهڙي گل قرب تنهنجو،
عمر جو ٿورو لڳي ٿو.

پَردو تَوجهہ تو گهري،
چهرو تَوجهہ تو گهري.

منهن جي بہ ڪجهہ قيمت تہ آ،
قطرو تَوجهہ تو گهري.

ممڪن نہ آ موٽڻ وري،
لمحو تَوجهہ تو گهري.

جيڪو نہ ڳايو آ وَيو،
نغمو تَوجهہ تو گهري.

هر وقت ڪوئي اَڻ ڏٺو،
خطرو تَوجهہ تو گهري.

هر ڳالهہ ڳالهائيندي ڳل!
لهجو تَوجهہ تو گهري!!

پيار هڪڙي جو هُيس مان،
پر پُڪي بئي جي پَيس مان.

ڪوئي اڳتي هو وَڌي ويو،
پوئِتي رهجي وَيُس مان.

دوستيءَ جو پرم رکندي.
ڪيڏو ڪانيارو تيس مان.

جيئن خيالن ۾ هُو آيو،
جيڪو چوٽو هو، چَيس مان.

عمر ساري زندگيءَ جو،
قرض لاهيندو رهيس مان.

گل! اشارو اوپرو هو،
پوءِ پي سمجهي وَيس مان.

هر گهڙيءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي،
زندگيءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي.

ائين نہ ايندو درد جي چهري تي رنگ،
کنهن خوشيءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي.

خاڪ جو پُتلو خدا جي روبرو،
بندگيءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي.

دشمنيءَ جي سوچ بدلائڻ جي لاءِ،
دوستيءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي.

ساهہ لفظن ۾ وجهڻ سولو نہ آ،
شاعريءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي.

مهڪ گل ۾ ائين اچي ممڪن نہ آ،
کنهن ڪَليءَ کي رَت تو ڏيٺو پوي.

ستارن جو آواز توڪو ﭔڌو!
اشارن جو آواز توڪو ﭔڌو!!

رڳو ڇولي ڇوليءَ جو شور هو.
ڪنارن جو آواز توڪو ﭔڌو!

نہ سِسِڪي، نہ سڏڪو صديون تي وَيون،
ديوارن جو آواز توڪو ﭔڌو!

نظر جو نظر کي ڪو پيغام هو،
نظارن جو آواز توڪو ﭔڌو!

چَمَنَ گُلَ خزائن حوالي هُئا،
بهارن جو آواز توڪو ﭔڌو!

ڪوئي آيو اچان نہ گهر موٽي،
خالي خالي لڳي ٿو ڪيڏو جڳ.

هئي نہ انگريزي، ۽ نہ عربيءَ ۾،
ڳالھ سنڌيءَ ۾، پر نہ ڪنهن سمجهي.

ڄاڻ رستن جي آ، نہ منزل جي،
ڪنهن جي ڳولا ۾ آ نظر نڪتي آ!

ڪيڏو اُن جو آ ٽِرڪندو چهرو،
ڏسندي ڏسندي نظر وڃي ڪِسڪي.

لفظ ئي ساھ پيا پَٽڻ چاهن،
۽ قلم ئي پَيو هو ڪجھ ٽڪجي.

ڪوئي جيڪر اچي پَيو پويان،
چنبڙي پيرن کي پَئي هُئي ڏرتي.

وهم، ويساھ ۾ بدلجي ويو،
ٿي پَئي گل! هُئي جا اَڻِ ٿيڻي!!

ڪو تہ آخر دل، جگر، جيرو هجي،
جي نہ سک جو، ڏک جو ئي ڏيرو هجي.

هوش ۾ پوري طرح آيو نہ هو،
يا نَشي، يا ننڊ ۾ ڪيرو هجي.

فرق ڪهڙو زندگي، ۽ موت ۾،
جڻ تہ لفظن جو رڳو ڦيرو هجي.

عام رستن تي نہ رک چهرو ڪليل،
ڪوئي نظرن جو مَتان ميرو هجي.

ويو هليو، پر گل! نشاني ويو ڇڏي،
پيار جو دل تي اجان پيرو هجي.

رات، اڄ ترسي پوي،
ڪير، پر ان کي چوي!

چانوَ تارن جي مٿان،
ياد تو ڪوئي اچي.

مان ستل هُس ننڊ ۾،
سَپنو، پر جاڳيو پَئي.

ڪوئي آواره خَيال،
چو نہ تو پيڇو ڇڏي!

مان تہ تنهنجا هٿ چميا،
ڪو تو تنهن جا چپ چمي.

گل کي جيئن تو مان ڏسان،
چو نہ تو هُو تيئن ڏسي!

حواسن ۾ نه هو ڪوئي،
ڪٿي گم ٿي ويو ڪوئي.

سنڀالي پاڻ ورتائين،
ڪِري، ڪِرندي اُٿيو ڪوئي،

ڳلو ٽڪجي پَيو، ليڪن
نه سڌ ۾ سڌ مليو ڪوئي.

ارادو هو اجان اڳتي،
مگر موٽي پَيو ڪوئي.

ڪڏهن مِلندي نه مرڪيو هو،
خَيالن ۾ ڪِليو ڪوئي،

وري هر سوچ آ زخمي،
وري پٿر لڳو ڪوئي،

اِهو گل سات ڪو چئبو!
هلڻ خاطر هليو ڪوئي!!

نند خوابن کان اَ خالي،
جاڳ جَلون جي سَوالي.

زندگيءَ کي کير سمجهي!
هر اَدا ان جي نرالي،

گل تي ڳوڙها ويا سُکي، پر،
اک اجان پي آهي آلي،

سوچ کان پيچو ڇڏائي،
ڪو ته پل رک ذهن خالي.

پيارَ پردي تان هَٽي ويا،
سڀ هُئا خاکا خيالي.

سادا سودا شعر پنهنجا،
ڪو به گل! ڪونهي مثالي!!

نظر، نقشو ڪتان آٿيان!
اُهو چهرو ڪتان آٿيان!!

پراڻو سازِ هَستي آ،
نئون نغمو ڪتان آٿيان!

اکيون بي اعتبار آهن،
سَچو سپنو ڪتان آٿيان!

خبر تنهن جي ملي ويندي،
پَتو پنهنجو ڪتان آٿيان!

وجود آ گل! ورهائجي ويو،
اهو، اهڙو ڪتانَ آٿيان!!

ڏس! مَٿي ڪان هيٺ ٿائين،
اڻ ڏٺي ڪان ڏيٺ ٿائين.

ڳالهہ جي شروعات ٿي آ،
ڏسجي ڇا ٿئي نيٺ ٿائين!

مرحلا آڏو ٿ ايندا،
ماٺ ڪان ٿي ميٺ ٿائين.

حال کي ماضي ڪري ڇڏ،
ٿاٺ کي ڏس ٺيٺ ٿائين.

رُت بدلجي ٿي وڃي ڳل!
ڇيٺ ڪان پوءِ ڇيٺ ٿائين.

ڇا رکيو ٻاهِرئين آ منظر ۾!
جيڪو ڪجهہ آ، سو پنهنجي اندر ۾،

ڪيتريون ئي دفن ڪهاڻيون هِن،
مون ڪان اڳ ۾ بہ منهن جي هِنَ گهر ۾!

پنهنجي پيرن ۾ تا وڃايون پيا،
ڪيڏو وسيہ رکون تا پٿر ۾!

واءُ اڄ ڀي لڳي اُتر جو تو،
ڳالهہ هِندوري جي آ نہ ڪينجهر ۾،

پنڇي آزاد ٿيو آ پڃري مان،
پر نہ طاقت اُڏڻ جي ڪنهن پر ۾.

هونئن جوان تو تہ، ڪجهہ بہ ڪونهي ڳل!
پوءِ بہ سوداءُ آ ڪوئي سر ۾.

ڪانڌيرو، ڪانهن، سَرُ بہ ڇا ڇئجي!
سنڌ جو جهنگ جهر بہ ڇا ڇئجي!!

ساري ساوڪ ۽ سونهن سنڌوءَ سان،
هِي ڪپر، هُو ڪپر بہ ڇا ڇئجي!

شهر، وستيون، ۽ ڳوٺ، آباديون،
اَڻ اُئو تر ۽ ٻر بہ ڇا ڇئجي!

محل، ماڙيون تہ معتبر آهن،
ڇانوَ، ڇن ۽ ڇپر ڇا ڇئجي!

جاتي اَين اَجهو اَڏي ويٺا،
بي گهرن جو هِي گهر بہ ڇا ڇئجي!

آس پي آ، نراس پي آهي،
سوچ جو هِي سفر بہ ڇا ڇئجي!

اولهہ، اوڀر تہ رنگ گل ڪيئي،
پر ڏکڻ ۽ اتر بہ ڇا ڇئجي!

ڪوئي الزام اُن تي ڪونهي ڇو؟
زندگين ساڻ جيڪو ڪيڏي ٿو!؟

عمر ساري اهو رهيو ارمان،
مون کي، مونکان سواءِ سجاڻي ڪو.

آئيني مان ڪڏهن ڪيي نظرون،
منهنجي من ۾ لئو نہ پاتو تو.

ڪوئي پربت، نہ ڪوئي آ درياءُ،
پوءِ بہ رڪجي ويو آ رستو ڇو؟

سڀ پراڻا ۽ بي اثر نعرا،
ڪوئي سوچيو وري نئون نعرو،

زندگي مختصر سهي، ليڪن،
اهم ڪيڏو آ صبح جو تارو.

گل، هوا، رُت، فضا مخالف آ،
ڪوئي سمجهائي ائين پلا آ ڇو؟

پَل پَل اداس آهي!
يا، دل اداس آهي!!

ماٺو، تہ ٽا ڪلن پر،
ڪِل ڪِل اداس آهي.

ساڳيائي ديپ تارا،
جِهلمل اداس آهي.

پهتو نہ ڪو مسافر،
منزل اداس آهي.

مقتول مُڪ تي مرڪون،
قاتل اداس آهي،

وڻجارا، ۽ نہ وايون،
ساحل اداس آهي.

تارن ۽ چنڊ جي ڳل!
محفل اداس آهي.

هِتان تو اتاري، هُتي تو وهاري،
ادب محفلن جو اِئين تو سيڪاري،

تمنا، ته دل جي پوئين ڳالهه آهي،
نه لهرون سَڏن ٿيون، نه ساحل پڪاري،

اها ڳالهه ٻي آ، نه تو پاڻ چاهيان،
جي چاهيان، ته توکي سگهان تو وساري،

ڪٿي تو وٽان جو وَيو خط منهن جا،
هِتان تنهنجي تصوير پي ويو اُتاري.

وري ڪاتي آئي ڪٿي دل جي وحشت،
نه ڪويل ٿي ڪُوڪي، نه تاڙو تنواري،

ڪوئي گل آ ويٺو اميدون لڳائي،
ڏسي رهجي رُت ڪهڙا رنگ ٿي ڏيکاري!

ڪجهه دير آ، ڪهڙي خبر!
اندير آ، ڪهڙي خبر!!

چهرو تہ اُتريل تي لڳو،
سڀ خير آ، ڪهڙي خبر!

مان پاڻ کي جاڻان نہ تو،
ڪو ڪير آ، ڪهڙي خبر!

تو وقت جو ڦيتو ڦري،
ڪجهه ڦير آ، ڪهڙي خبر!

هُو غير آ، يا گل وري!
دل غير آ، ڪهڙي خبر!!

اکيــن آڏو اُهــي ئـي اولــڙا هــا،
ڳـلـن ۾ هـلـڪا هـلـڪا گـولـڙا هـا.

وٺـي پـيو ٻـارڙو معـصـوم ڪـيڏو،
چپن تـي ڇـا تـہ ٻـاتـا ٻـولـڙا هــا،

ٻُـدڻ ۾ ٻـئي لـڳا ڳـورا ۽ ڳُـوڙهـا،
ڇَـوڻ ۾ لفظ سـادا سـولـڙا هــا.

نـہ جـي گـهـر ۾ ڏٺئو آرام ڪـوئـي،
سـفـر ۾ پـي تـہ ڪـيئي رولـڙا هـا.

صـديـون گـذري ويون، پر حال ساڳيا،
تـٿـل، قـاتـل بـدن تـي چـولـڙا هـا.

مـلـيـاسـيـن، ۽ وري وڇـڙي ويـاسـيـن،
ڪـيا ڪـاتـي اسـان ڪـي قـولـڙا هـا!

الائي گـل وَيـا مـرجـهـائـجـي ڇـو؟
لـڳا شـايـد وري ڪـي جـهـولـڙا هـا!

SOORIH SINDHI ADAB

ٽلهيون ڳالهيون ڳَٽين جو تو!
هوا ۾ هٿ هَٽين جو تو!!

قدم اڳتي اجان اڳتي،
دليون بيٺو هَٽين جو تو!

تون بڻجي ڏک جو ڏاتو،
پراوا سک لُٽين جو تو!

نه پاليا تا پُڄن توکان!
ٻچا آخر جَٽين جو تو!

اُجالن ۾ رهڻ وارا،
انڌيرن کي اُٽين جو تو!

نه گل آهين، نه آن تارو،
ڀلا دل کي وَٽين جو تو!!

SOORIH SINDHI ADAB

فعل ٻيو آ، قول ٻيو آ،
ڳالھ ٻي، جڙ ٻول آ.

ويو اڄي الزام ٻئي تي،
رات جو ڪو رول ٻيو آ،

ڪو ڇٽو ڏسبو نہ چھرو،
خول پويان خول ٻيو آ.

تون ڪرين ھڪڙو پَيو، پر،
توکي ڪرڻو رول ٻيو آ،

راس ڳل! توکي نہ ايندو،
ھِي تہ ڪجھ ماحول ٻيو آ.

موريان تہ هوا گُهل، جاڳي نہ پوي گل،
هلڪو نہ هجي هل، جاڳي نہ پوي گل.

وڻ ٽڻ ڪا پهر پل جهومڻ تہ جهڏي ڏيو،
پن پن ۾ اُپايل جاڳي نہ پوي گل.

ڏي وڄ نہ وراڪا، برسو نہ اي بادل!
ڪر شور نہ ڪويل! جاڳي نہ پوي گل.

ڪونجن جون قطارون ڪرلاءُ نہ ڪيو ڪو،
اڄ مور نہ تون ٽل! جاڳي نہ پوي گل.

شبنم ڪي جهلي ڪو، ڳوڙهو نہ ڳڙي ڪو،
هلڪِي بہ نہ هلچل جاڳي نہ پوي گل.

قسمت سان مليو آ، ضايع نہ وڃي ٿي،
هڪڙوئي اهو پل جاڳي نہ پوي گل.

ٻئي جي دروازي تي ڪو ٻيلو سڏي،
مون ڪي اُن "آواز جي خوشبوءِ" اچي.

آئينو ڀَتِ تي ڪِري ٽڪرا ٿيو،
پنهنجو چهرو ٻي ٿو جڻ ٽڪرا لڳي.

هِيئن ڪرين ڇا ٿو، ۽ هونئن ڇو ٿو ڪرين!
ڪوئي اندر ۾ آ، جو ويٺو چوي.

پل، تہ ساريون ئي گهڙيون روڪي ڇڏيو،
وقت ڪي، پر ڪير جو روڪي سگهي!

ڪوئي ٻي هٿ ڪو نہ ايندو آهہ دوست!
پر ڪوئي احساس ۾ ايندو هجي.

هال خالي ويا ڪري ماڻهو، مگر
شور پوءِ ٻي پيو ڪنن ۾ گونجي.

مان، تہ لڙڪن سان نباهيندس پَيو،
مرڪ تنهنجي گل سدا زنده رهي.

پنهنجي همت کي ائين مضبوط رک،
ڪوئي اندر ۾ نہ ڀوَ جو ڀُوتُ رک.

ڪوئي رشتو ٽوڙجي ڀي ڇو ڀلا،
سلسلو سڪ جو سدا مربوط رک.

هر قدم تنهنجو هجي اڳتي اڃان،
پنهنجو مقصد ئي نہ هڪ لاهوت رک.

سوچ رک انسان، بس انسان آ،
ڪنهن جي لئہ دل ۾ نہ ڪائي ڇُوت رک

پڪ جي پنهنجي آ رکڻي برقرار،
شڪ کي دل جي نہ ويجهو سوت رک.

باغ ۾ ڀل گل هجن، ٻوٽا هجن،
پر ڪٽي انجير رک، ڪو توت رک.

ڌرتيءَ جا رکوالا جاڳيا،
جوڌا جيءَ جيالا جاڳيا.

موت جو منهن موڙڻ وارا،
من جا ڪي متوالا جاڳيا.

ڪونهي ويڇو، ڪونهي وير،
مسجد چرچ شوالا جاڳيا.

ايندو ڪوئي، ڪوئي ته ايندو!
ديوارون، دَرَ تالا جاڳيا.

گل تي جوڀن آيو آ نئون،
رنگ، اُمنگ نرالا جاڳيا.

جهڙو مزاج هوندو،
تهڙو سماج هوندو.

وايو منبل آ ساڳيو،
ساڳيو رواج هوندو.

چهرو لڳي ٿو چندن،
اندر بہ عاج هوندو؟

هڪڙي جو ڪارنامو،
ٻئي کي خراج هوندو.

ٻيڻو آ قرض ساڳيو،
واپس وِياج هوندو.

پنهنجي ئي وهم جو گل!
ڪهڙو علاج هوندو!!

سَڪٽي واءِ واءِ نہ پوءِ ڪبي آهي،
راند رس ۾ جهڙي ڏبي آهي.

زهر، يا اسپرو جي ڪا گوري،
درد کي ڪا دوا ڏبي آهي.

مرڪ پنهنجيءَ کي جيارڻ لئہ،
مرڪ ٻئي جي نہ ماربي آهي.

زندگيءَ ۾ تہ هار پي ٿيندي،
پوءِ بہ همت نہ هاربي آهي،

ڳالھہ چاهي! اداس ڇو آهين!!
ڪنهن نہ ڪنهن سان سچي ڪبي آهي.

سونهن، سرهاڻ، گل، نظارا، پر،
لنؤ تہ ڌرتيءَ سان لائبي آهي.

درد اَرَسُ پڳو وري شايد!
ڪجهہ نہ ڪجهہ اُتيو وري شايد!

من لوڏا وري پَيو کائي،
خواب اکين ڏٺو وري شايد!

دور جهنگل ۾ آڳ جا شعلا،
آ هوائن پُڌو وري شايد!

ڪيڏيون اندر اٿن پَيون لهرون،
سمنڊ آهي سڏيو وري شايد!

"رات ڪيڏي نہ ٿي وئي لمبي"،
آس جو سنج لٿو وري شايد!.

ڪيڏي جذبات ۾ آ هلچل گل!
ساز ڪوئي ڇڙيو وري شايد!!

اک ۾ احساس کي ڏنو آهي،
دل ۾ وشواس کي ڏنو آهي.

ياد ناهي، تہ ڪنهن جي نيڻن ۾،
نيري آڪاس کي ڏنو آهي.

۽ ڪڏهن آس جا اُگهي جُوڙها،
مرڪندي ياس کي ڏنو آهي،

ايندي ويندي، ۽ عام سان ملندي،
ان طرح خاص کي ڏنو آهي،

پنهنجي من کي اهو مجايان پيو،
پرک ۾ پاس کي ڏنو آهي.

ڪاٿي لب جي، تہ ڪاٿي اک جي گل!
هر جڳهہ پياس کي ڏنو آهي.

ڪا طلب ڪا تات ٿي ٻاهر وسي،
نت نئين جذبات ٿي ٻاهر وسي،

گهر ڪان نڪتو آن اهڙي وقت ۾،
ٻاهه جي برسات ٿي ٻاهر وسي،

روشنيءَ جو ڪو ٻـ ڪونهي ٽِرورِو،
رات، پوري رات ٿي ٻاهر وسي.

چيو! الائي هن اويلي وقت ۾،
ڪنهن پکيءَ جي لات ٿي ٻاهر وسي.

هر طرف ڪيڏي لڳي پَئي سانت آ،
اِئين لڳي ٿو ذات ٿي ٻاهر وسي،

لوڪ ڪاٿي آ پيلا گل بي خبر!
پيار جي هر بات ٿي ٻاهر وسي.

پڃان ڪنهن ڪان هوا جو گهر ڪٿي آ!
۽ گذرڻ لاءِ گهر جو در ڪٿي آ!!

نگاهن جي الڳ پنهن جي پسند آ،
جو من چاهي اهو منظر ڪٿي آ!

ڪري ويو شهر سارو پنڌ پاڻ،
خبر ناهي تہ سو ساحر ڪٿي آ!

عجب پرواز جي طاقت رکي ٿي،
مگر ان سوچ جو ڪو پَرُ ڪٿي آ!

خوشي ڇهري ٿي، غم دل ۾ رهي ٿو،
جو ٻاهر آ، اهو اندر ڪٿي آ!

ڪناري ڪان ڪڏهن ڪا لهر پڇندي،
جو ايندو هو، اهو شاعر ڪٿي آ!

ڏسن ٿيون روز اکيون خواب ڪيئي،
مگر هر خواب گل سُندر ڪٿي آ!

مــن ائين مرڪي بہ پوندو آهہ دوست!
مرڪندي روئي بہ ڏيندو آهہ دوست!

منهن جو پيدا ٿيڻ بہ هو هڪ حادثو،
حادثو وسري بہ ويندو آهہ دوست!

پنهنجي پنهنجي وقت تي هر ڪو اچي،
پر ڪوئي بي وقت ايندو آهہ دوست!

رستي جي ظاهر سِڌائيءَ تي نہ وڃ،
رستو ڪو اوجهڙ بہ نيندو آهہ دوست!

هرڪو واري واري سان پيو ٿو وڃي،
پر ڪڏهن اڳ پوءِ بہ ٿيندو آهہ دوست!

گل، بهارن ۾ برابر ٿو ٽڙي،
پر ٽڙي وڪري بہ ويندو آهِہ دوست!

گهنڊ وڄندا رهيا ٽلي مندر ۾،
شور ڪيڏو نه منهن جي اندر ۾،

ڪيڏي ڪاوڙ ۾، مان ڇڏيو گهر هو،
پوءِ به ايس ڦري گهري گهر ۾،

سمنڊ ڪيڏو لڳو پئي ماٺيڻو،
۽ هوا پئي هُئي نه ڇر پر ۾،

پوءِ پي اجنبي ۽ اڻ واقف،
هڪ ٻئي جو هُئو به دَرُ دَرَ ۾،

زندگي، ياد، پر به ڪيئن رهندي،
جڏهن ته گذري رهي آ ويسر ۾،

ڪوئي اونده ۾ ويڙهجي ويٺو،
چانڊوڪي جي آ ڪوئي ياڪر ۾،

ياد محفل جي گل رهي باقي،
گيت هڪڙو وڃي ٽي آخر ۾.

سِڪ جي ننين سلسلي جي ڳالھ ڪر،
اڄ تہ ڪائي راضپي جي ڳالھ ڪر،

زندگي صحرا تتل وانگر لڳي،
سانورا! ڪا ڇانوري جي ڳالھ ڪر،

دل کي ٽوڪي ۽ رکي ڪو پل پھر،
غم، خوشي کان اَجپي جي ڳالھ ڪر،

پيار جو افسانو پھتو آ ڪٿي،
هِن سِري تا هُن سِري جي ڳالھ ڪر،

زور ڪيڏو زور لاتو هو هَوا،
۽ ڀري پيو اُن ڏيِئي جي ڳالھ ڪر،

ايتري ٻي بي يقيني جو ٻلا!
ڪا، تہ آخر ڀروسي جي ڳالھ ڪر،

گل! ائين ئي سلسلو هلندو رهي،
صبح کان پوءِ سج لَٿي جي ڳالھ ڪر.

مان پنهنجي دل جي حالت ڇا ٻڌايان!
اُ هڪ طرفي محبت ڇا ٻڌايان!!

ڪڏهن جي روبرو ملندو تہ چئبس،
تصوّر کي شڪايت ڇا ٻڌايان!

سموري فلم تنهنجي سامهون آ،
حقيقت جي حقيقت ڇا ٻڌايان!

ڪُتي پنڌ تو، نہ ڪا جندڙي ڇتي تي،
نہ منزل آ، نہ مهلت ڇا ٻڌايان!

ڪيون تا ها، مگر ذهني عياشي،
آ سوچن ۾ جا لذت ڇا ٻڌايان!

نہ گل آهي، نہ چنڊ آهي، نہ تارو،
خَيالن ۾ آ صورت ڇا ٻڌايان!!

مان رُنس، يا هُو رُنو ڪهڙي خبر!
ڪنهن جو دامن هو پنو ڪهڙي خبر!

سوچ آ، ڪجهه درد آ، ڪجهه انتظار،
پيار آ سڀ ڪجهه ڏنو ڪهڙي خبر !

نيڻ، نيڻن سان ملائي ئي نہ ٿو،
ڪنهن جي نيڻن ڪان ٻنو ڪهڙي خبر!

مان، تہ راهن ۾ اجان ڀٽڪان پَيو،
ڪوئي منزل تي پنو ڪهڙي خبر!

هونئن تہ نيڻن مان خوشي ڇلڪي پئي،
دل ئي دل ۾ پئي رنو ڪهڙي خبر،

باغ ۾ تفريح لاءِ ڪيئي اچن،
گل چنو، پر ڪنهن چنو ڪهڙي خبر!!

ڏينهن کي اُ ڏاڍ ڪيڏو رات کي ڪهڙي خبر!
ايندي ويندي ساهہ جي سڪرات کي ڪهڙي خبر!

تيز، يا هلڪي، مگر وسندي رهي، بند ڪا نہ ٿي،
ڪيترا گهر پيا جُهري برسات کي ڪهڙي خبر!

زندگي تي موت جو پهرو رهي ٿو هر گهڙي،
شهر ۾ ڇا پيو ٿئي حالات کي ڪهڙي خبر!

زندگي! توسان جُوا هئي ڪيڏٿي، ڪيڏي ڏنم،
ڪنهن ڪٿيو! سا جيت کي، يا مات کي ڪهڙي خبر!!

لڙڪ اکڙين ۾ هُئا، يا گل لبن تي مرڪ هُئي،
ڪيئن ٿيس ان کان جدا، پريات کي ڪهڙي خبر!

تنهنجي دل ۾ کوٽ آئي،
منهنجي دل تي چوٽ آئي،

تو ڏني هئي گارِ ڪنهن کي،
توکي ساڳي موٽ آئي،

چال هل، ڪهڙي هلين تو!
تنهنجي هٿ ۾ ڳوٽ آئي.

تو تري آڏو ڏني، پر
سچ کي ڪا اوٽ آئي؟

خوش ٿيو هوندو زمانو،
ٻن دلين ۾ ڦوٽ آئي،

گل، تہ ساڳيا هِن اُهي ئي،
خوشبوئن ۾ کوٽ آئي.

مان اشارن جو سکان پيو قاعدو،
پنجي گونگن سان وَيو آ واسطو.

اک ۾ اوجاڳو ۽ دروازو کليل،
ڪنهن ڪيو اهڙو تہ ڪونهي واعدو!

ڪو جَهروڪي جي آ چهرو اوٽ ۾،
پر اهو سوچڻ بہ کهڙو فائدو!

آئيني ۾ وات چپڪائي ڏنم،
آئيني ورتو پَئي ڪو جائزو.

ٿورڙي پي جو پريشاني هجي!
چند لفظن جو تہ آهي معاهدو!!

هِي جي گل ٿاريءَ تي ڳڏ لڏندا ڏسين،
سي بہ هڪ ٻئي کان رکن ٿا فاصلو.

هيڪلائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون،
واندڪائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون.

وقت ڪيڏو نہ ٿي وَيو تڪڙو،
ويسلائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون.

پنهنجون سوچون سموريون مون کي ڏئي،
آجپائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون،

آئيني تي نہ زنگ چڙهندي آ،
ڪو بيائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون.

اهڙو سپنو پيو ياد ڪونهي ڪو،
ويجهڙائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون.

شرم کان ڪنڌ گل وَيو جُهڪندو،
پارسائيءَ جون پيو ڪري ڳالهيون.

نان ۾ ئي فرضي ٻڌائي آ جذبو،
مُن کي هائي هِي ٻڌائي آ جذبو.

هر گهڙي گرميءَ سان منهن ڏيڻو پوي،
سوچ کي سردي ٻڌائي آ جذبو.

ڪوئي هڪڙو نان ۾ آ، جيڪو ٻڌڻ،
پنهنجي ڪمزوري ٻڌائي آ جذبو.

سوچي سوچي ذهن پيو ٿڪجي جڏهن،
جو هُئو سوئي ٻڌائي آ جذبو.

ڳالهه ساري هئي مٿي ۽ هيٺ جي،
اُپ کي ڏرتي ٻڌائي آ جذبو.

گل! گهٽڻ کي شوق تي هو اعتراض،
شوق کي شَڪتي ٻڌائي آ جذبو.

گيت خاموشيءَ جو ڳائي ڏسان،
دل کي ديوارن سان وندرائي ڏسان.

ڪير اونداهيءَ جي آهي اوٽ ۾،
لاٽ ٻاري اوٽ ڪيرائي ڏسان.

ڏنڌلو چهرو آ، يا ڏنڌلو آئينو،
آئينو ٻيهر ته جرڪائي ڏسان.

پوءِ پتو شايد ملي پنهنجو وجي،
شخص اندر جو ته جاڳائي ڏسان.

توسان پرچڻ جون ته ڳالهيون پوءِ دوست!
پاڻ کي پهريون ته پرچائي ڏسان!!

توسان غزلن ۾ ملاقاتون ٿين،
هڪ دفعو توکي اڳڻ آئي ڏسان.

سونهن آ، سرهاڻ آ، گل مرڪ آ،
زندگي هيڪر ته هارائي ڏسان!!

نسل نئون، ماڻهو پراڻو ڇا ڪري!
وچ ۾ سياڻن جي اياڻو ڇا ڪري!!

سوچ ئي سڀ پوئتي رهجي وئي،
مسئلو مـومـل جو راڻـو ڇـا ڪري!

پٽرن ۾ پئي سڄاڻپ ٿو رکي،
هيو پلا مـوتيءَ جو داڻـو ڇـا ڪري!

معاشرو مٽجي، ۽ مٽجي پئي ضرور،
پر اڪيلو ڪو گهراڻو ڇا ڪري!

زندگيءَ سان هر ڪو گل ماٺا ڪري،
موت سان آخر ڪو ماٺو ڇا ڪري!

ڪناري تي ٻه لهرن کان ٻڌان ٿو،
مان، پنهنجي سمنڊ سوچن کان ٻڌان ٿو.

نہ چاهيندي وچن ٽڪرائجي ٿا،
الائي ڇو مان رشتن کان ٻڌان ٿو!

جڏهن تنهنجا ڳِين ٿا نيڻ سامهون،
تڏهن مان پنهنجي نيڻن کان ٻڌان ٿو،

خبر ڪهڙي، تہ ڪهڙو روپ ڌاري،
نظر ايندڙ نہ دشمن کان ٻڌان ٿو.

اُداسي اُٿئيهين جي ڳل سُجهي ٿي،
تڏهن ئي چنڊ چهرن کان ٻڌان ٿو.

پن ڇڻ ۾ تازگي ڳوليان پيو،
دک جي موسم ۾ خوشي ڳوليان پيو

منهنجي اڏو آ ٻين جي شاعري،
ان ۾ پنهنجي شاعري ڳوليان پيو.

ويئي ويئي ڇا هُئو وسري ويو!
ياد جي هر ڪا ڳلي ڳوليان پيو.

ميڪ اپ جي تهه چڙهيل چهري پٺيان،
سونهن، ۽ سا سادگي ڳوليان پيو.

گُهگُهه اونداهيءَ جو ٻاهر راڄ آ،
پنهنجي اندر روشني ڳوليان پيو.

وقت آ، ماضيءَ ۾ جا اڇلي ڇڏي،
گل! اها گذريل گهڙي ڳوليان پيو.

جهرن کي ائين وينو تکي،
تي ٻُڪَ نظرن مان ٻَکي.

جو سوچ ۾ شاعر جي آ،
ڪاٿي قلم سوٽو لکي!

تون دوست جنهن جو يي ٿئين،
دشمن اهو ٻيو ڇو رکي.

جو پيو ڪتابن ۾ منجهي،
سوسِٽَ مان ڪيئن ٿو سِکيَ!

ڪو درد دل ۾ آ اچان،
سگريٽ جان پيو ٿو دکي.

قسمت جي ساري ڳالهہ آ،
ڪنهن جي تہ گل پوندو پُکي.

روڊ رستا رات ڏينهن جاڳن پَيا،
ايندي ويندي لاءِ ڪجھ سوچن پَيا.

ڪاش! سي ويجهو ٻه اهڙائي هجن،
دور ڪان جهڙو، ۽ جيئن ٻڌجن پَيا.

ڪير طوفانن جي آيو روپ ۾،
مندرن ۾ بُتا پي لرزن پَيا.

حافظو ڪيڏو وَيو ڪمزور ٿي،
لڪندي لڪندي لفظ ٿا وسرن پَيا.

آيو، پيرن سان لتاڙيندو وَيو،
آخري دم تائين گل مرڪن پَيا.

ٿُتي ٿهڪ پيا سڀ، ڪلڻ لاءِ ترسان،
وَهي لڙڪ پيي ويا، رُئڻ لاءِ ترسان.

ٻين سان تہ ٿيندي‌ون رهن محفلون پيي،
مان آواز تنهنجو ٻڌڻ لاءِ ترسان.

خَيالن جي دنيا ۾ گم ٿي وڃان ٿو،
ڪڏهن پاڻ سان پيي ملڻ لاءِ ترسان.

ڇون ٿا تون، منهنجي اکين ۾ رهين ٿو،
مگر مان تہ صورت ڏسڻ لاءِ ترسان.

رڳو مونتي آخر اها ڇو آ بندش،
مان گل تنهنجو نالو وٺڻ لاءِ ترسان.

جڏهن ٻئي انگ جي اڌو اڇي ٿي،
ٻُڙيءَ جي ڪيتري اهميت وڌي ٿي.

اڪيون ڪوليون ائين ويٺا ڏسون ٿا،
گهڙي ڪا قيمتي نڪري وڃي ٿي.

ٻَئِي خاموش، ساڳي سوچ ۾ گم،
هِتي جي ڳالهه آخر ڪيئن هُتي ٿي.

ڏئو تم، پر ڪٿي، سو ياد ناهي،
اڃان تائين نظر ان تي پُلي ٿي.

وري ان شخص جو آ ذڪر نڪتو،
وري انسانيت سِسِڪي پوي ٿي.

ڪيان تعريف، ڪنهن، ڪنهنجي ڪيان مان،
ادا گل جي تہ هر ڪائي وٺي ٿي.

گڏ ڪراڙپ سان گل جواڻي آ،
ڪيڏي حسرت پري ڪهاڻي آ.

چؤطرف تو ڏسان نيون نظرون،
هڪڙي منهنجي نظر پراڻي آ.

ڪوئي پڙلاءُ پيو اچي پَريان،
جڻ تہ واپس ٿي ڪا وراڻي آ.

مرڪندي مون ڏٺو هو ڪلهہ جن کي،
اڄ انهن ئي اکين ۾ پاڻي آ.

وَرَ وَرَ ڏئي ڏسان ٿو آئينو،
تو ڳجهارت عجب اماڻي آ.

من غزل کي ڪٿان ڪو داد ملي،
سوچ ڪيڏي نہ گل اياڻي آ!

ڳلي ۾ موتين لڙيون ٻه آهن،
۽ پيرن ۾ ڪَڙيل ڪڙيون ٻه آهن.

ڪيان جي ياد پوءِ ٻي ياد ناهن،
نه ٽيون وسرن اهي گهڙيون ٻه آهن.

خبر ناهي، ته ڇو چپ آ لڳي پئي،
اگرچ روح ۾ رڙيون ٻه آهن.

مُڙي موتي پيون، چاهڻ، جي هوندي،
نه چاهيندي اکيون اَڙيون ٻه آهن.

لڳي ٿو ٻاهران ٺي ڇنڊ سهڻو،
اندر اُن جي ڏِکا دڙيون ٻه آهن.

وڏايو جيئن مون پنهنجو هٿ ڳل ڏي،
ڏسان پيو ڪي دليون سڙيون ٻه آهن.

سُکن جي مکڙي گهڙي هلي چيا!
دُکي دُکي زندگي هِلي چيا!!

پنهي جون واتون الڳ الڳ هن!
خوشيءَ سان گڏجي غَمي هلي چيا!!

نہ وٽ بچي آ، نہ تيل باقي،
هلي هلي روشني هلي چيا!

تکو هو طوفان تيز بارش،
غريب جي جهوپڙي هلي چيا!

هِتي تہ ڪَنَ ڪوڙ تي هريل هن،
هِتي خبر ڪا ڪري هلي چيا!

نہ سوچ جو ڪو سَرو ملي ٿو،
يلا اي گل! شاعري هلي چيا!!

جهري جهري تي خوشي نڪري پَئي،
جڻ نئين سر زندگي نڪري پَئي.

نيٺ اونده ڪي وئي اونده گهي،
هر طرف آ روشني نڪري پَئي.

پيار تي ويساھ آيو آ وري،
درد جي آ دلڪشي نڪري پَئي.

سوچ ۾ آيون وري سوچون نيون،
تنهنجي منهنجي شاعري نڪري پَئي.

گل بہ مرجهايل وري مرڪي پيا،
باغ جي آ تازگي نڪري پَئي.

فضا سنسان هئي ساري،
هوا جو هانءُ ۾ هو ياري.

اُهي خالي ذِنم نظرون،
تسلي هئي، نہ دلداري.

رهيس لاڳاپيل فن سان،
مگر آئي نہ فنڪاري.

سوين سرديون، سوين گرميون،
اڪيلي جانِ ويچاري.

اندر اوريان، مگر ڪنهن سان،
رڳو پاڇا ها جوڏاري.

نہ رنگ پريو نظر ڪنهن جي،
نہ آئيني ٿي دل ٺاري.

اڪيون ٻوٽيل، ٻنل پنبڻيون،
نہ ننڊ هئي گل! نہ بيداري.

ڳالهہ اَسانُ وَيو جَٽي ڪوئي،
ڪيڏي مشڪل ۾ ويو وِجهي ڪوئي.

ٻي طرح سان جيئڻ پَيا ماڻهو،
هِن طرح سان ڏسي جِئي ڪوئي.

رات سپنن جي سيج تي گڏ هو،
سيني تي سر وَيو رکي ڪوئي.

در کوليم، ڏٺم ته بيٺو هو،
ٻئي سان موتيو هُئو ملي ڪوئي.

گل اشارو هُئو جتو ڪيڏو.
نانءُ پاڻيءَ تي ويو لکي ڪوئي.

اک اجان اک سان لڳي هئي،
فون جي گهنٽي وڳي هئي.

چهري تي چهرو ٻيو هو،
آئيني سان ٻي ٺڳي هئي.

عشق جي هئي آزمائش،
عقل کي سِرَ جِي لڳي هئي.

پاڻ کي اوندهه ۾ ويڙهي،
رات جيا! ڪنهن کان ڀڳي هئي!!

سوچ تي وئي چار حصا،
منهنجي سامهون جُوءِ ڏڳي هئي.

اوچتو ئي مُنهن ڍڪيائين،
ڪنهن جي نظرن کان ڀِڳي هئي؟

جنهن تي گل تازا ٽڙيل ها،
ڪنهن اها ٽاري ڀڳي هئي!

جسم يي أجو نہ آهي أهہَ ڪان،
روح يي ڀٽڪي وَيو آ راهہَ ڪان.

روشنيءَ ڪي جو ڏنو آهي اسان،
سو وري ڪيئن ٿا گُهرون اونداهہَ ڪان!

دشمنـــيءَ ڪان اورتـــي سوچي نٿو،
ڪيترو ٿي دور ويو آ ٺاهہَ ڪان!

بي يقينيءَ جي فضا ساڳي رهي.
هر ڪوئي مجبور هو ويساهہَ ڪان.

چاهتون پنهنجون ورهائيندو وَتي،
پاڻ گل سگندو رهي تو چاهہَ ڪان.

پاسي ۾ ڪيئن ٿو وهاري مونکي!
پاڇي مان يي ٿو اُٿاري مونکي.

پاڻ سڀ ڪجهه آ وساري ويٺو.
ياد هر ڳالهه ڏياري مونکي.

ڪوئي پاڇو ڪري اشارو پيو،
ڪوئي پردو ٿو نهاري مونکي.

آئيني کي ته مان اُجاريان ٿو،
تو نه آئينو اُجاري مونکي.

سو ته ساحل طرف ويَو نڪري،
وچ لهرن ۾ اُتاري مونکي.

زندگيءَ کي نٿو گذاريان مان،
زندگي ئي ٿي گذاري مونکي.

سا، ته موسم ئي گل، ڪا ٻي آهي،
رُت بَسنتي نه نکاري مونکي

عِنايتون هِن، نوازشون هِن،
يا پردي پردي ۾ سازشون هِن،

هلن ته ٻاهر تا هُل هنگاما،
دماغ دل ۾ ڇو شورشون هِن؟

قلم کي آزاد آ ڇڏيو ويو،
لکڻ تي ليکن کي بندشون هِن.

ڪجي ٻه ٽرتي جي ڳالهه ڪهڙي!
مَٿي ٻه شايد سفارشون هِن.

سِڪي ٿو تر، پر نه ٻوند برسي،
چمن چمن هوندئن ته بارشون هِن.

عمل ته پنهنجو اهو ئي ساڳيو،
رهيون رڳو گل! نمائشون هِن!

وڇايم اکيون، پر لتاڙي هليو ويو،
سَجيل سپنا ساراڻي ساڙي هليو ويو.

ڏاڙي جوي پيو، وڃان ٿو وڃان ٿو.
وڄڻ وارو هڪڙي ڏهاڙي هليو ويو.

ڇڏيائين نہ مون وٽ ڪا تصوير پنهنجي،
سمورا لکيل خط بہ ڦاڙي هليو ويو.

پراڻيون ڪٿي ٿيون رهن ياد ڳالهيون.
نوان قول ڪنهن ساڻ پاڙي هليو ويو.

نہ سو رنگ آ، ۽ نہ سو روپ آ گل!
چوان ڇا تہ، ڇا ڇا اجاڙي هليو ويو!!!

زندگي ساري اُڌاري ٿي لڳي،
پوءِ ڀي ڪيڏي نہ پياري ٿي لڳي.

لڙڪ نذرانو ڪجن ٿا ڪيترا،
مرڪ جي قيمت بہ ڀاري ٿي لڳي.

ساڪ ان جي ايتري پئي آ ڪري،
سچ ٿي بي اعتباري ٿي لڳي.

دور ڪان آيو نظر درياءُ هو،
ويجهڙو واري ئي واري ٿي لڳي.

ڪاري ديوي جيئن گهُري ٻليدان کو،
ائين ئي اڄ جي رات ڪاري ٿي لڳي.

گيت جو هر لفظ ڳالهائي پِيو،
سوچ گل ڪيڏي ڏڪاري ٿي لڳي.

واءُ ساجو گهلي، مگر نہ گهليو،
ٻاڳ جو در کُلي، مگر نہ کليو.

ڪيترا هونئن تہ هُل هُليا ها، پر
جيڪو هُلڻو هو هُل اهو نہ هُليو

تو، تہ اڄلي ڇڏيو هو اوجهڙ ۾،
رستو پوءِ ٻي ڪوئي ڀُلي نہ ڀُليو.

پنهنجي ساڳي ورونهن رستن سان،
وات ويندي ڪوئي مليو نہ مليو.

جنهن بہ گل شاخ کان ڇڳو آهي،
هوندو ڪوئي نہ ڪوئي دل جو جليو.

سوچ کي سوڙهو نہ ڪر،
پاڻ کي پوڙهو نہ ڪر.

راهہ رک هر ڪا ڪليل،
لنگهہ کي لوڙهو نہ ڪر،

سڀ ٻڌين ٿو، پاڻ کي،
مطلبي ٻوڙو نہ ڪر،

پاڻ اڄ، ٻيهر نہ پُل،
موت کان موڙو نہ ڪر.

لفظ جو سولا سدا،
ڳالهہ کي ڳوڙهو نہ ڪر.

گل هجي هڪڙي نظر،
ڪنهن کي يي ڪوڙو نہ ڪر.

چنڊ سان گڏ رات ڀر هلندو رهيس،
هئي هوا ٿڌڙي مگر جلندو رهيس.

پر، لڏو مون کان نہ پنهنجو پاڻ ڀي،
رُوهہ ۾ رڻ ۾ ائين رلندو رهيس.

ڳالهہ سا، توسان ڀلا مان ڪيئن ڪيان!
ذات پنهنجي ساڻ ڀي اَلندو رهيس.

ڪير ٻڌندو هن مشيني شور ۾،
سور دل جو سانت سان سلندو رهيس.

آئينو جي منهن مـقابل تـي وَيو،
پنهنجي ئي چهري تي مان ڀُلندو رهيس.

ڪنهن جي دل ۾ خير هو، يا شَرُ هو،
پاڻ گل سڀ سان ڳلي ملندو رهيس.

خوابن جا ڪي جهور لڳن ٿا،
چور ٻه من جا مور لڳن ٿا.

ماضي ڪان ٿي حال ڏٺوسي،
دولت جا سڀ دور لڳن ٿا.

دل جا يي ۽ دنيا جا يي،
ساڳيا طريقا طور لڳن ٿا.

تنهنجي خاموشيءَ ڪان جيڪر،
پٿر پرزا پور لڳن ٿا.

ٻاهر آخر ڇو نه ٿا ٻڌجن،
اندر ايڏا شور لڳن ٿا.

اکيون گل اڄ آيون پرجي،
يادن جا ڪي زور لڳن ٿا.

وقت ٿورو آ، ڪم گھڻو آهي،
ڪوئي ويچارو هڪ ڄڻو آهي.

دل ئي دل ۾ پَيو پڇي پڃري،
باهه ۾ ٽپڪندڙ ڇڻو آهي.

لاش رکبو ته ٽپ ڪندو شايد،
مالڪن جي ڪٽو ڪٽو آهي.

ڪير، ڪنهن کي ملي وري ٻيهر،
سنگ ٿي ويو ڪٽو ڪٽو آهي.

ڪَيستائين پرائي گھر رهبو،
پنهنجي گھر لاءِ سوچڻو آهي.

ڪنهن جون خوبيون، لڳن پيون خاميون،
هِي ته خالي ڪٽر پُٽو آهي.

گل اڇو آ، ڦڪو آ، نيرو آ،
هار هڪڙي ۾ پوئڻو آهي.

خَيالَ يي ڪجھ نتا ملن پيا،
۽ حالَ يي ڪجھ نتا ملن پيا.

جَوابَ يي تا جواز ڳولين،
سَوالَ يي ڪجھ نتا ملن پيا.

وَيو نہ آ بي مثال تي، پر
مثال يي ڪجھ نتا ملن پيا.

حرام ڪي هٿ نہ لائجي، پر
حلال يي ڪجھ نتا ملن پيا.

خوشيون بہ پنهنجونْ الڳ الڳ گل!
مَلال يي ڪجھ نتا ملن پيا.

جو پنهنجي پر ۾ سياڻو آ،
اهو ڪيڏو اياڻو آ.

ڪٿي چاهت نئين هوندي،
مگر قصو پراڻو آ.

جو پنهنجو ملهه نٿو ڄاڻي،
اهو هر ور ڪاڻو آ.

هتي جون حرڪتون هونديون،
۽ پيرن ڪان پڇاڻو آ.

وَيو گل وقت سو گذري،
نه من آهي نه ماڻو آ.

دل خوشيءَ کان ٿي وئي هوندي،
تنهنجي غم سان ٿي وئي هوندي،

آس دل جي ڪڏهن نہ ٿي پوري،
لڙڪ بڻجي وهي وئي هوندي.

ڇو تا طعنا ڏيو ڪراڙپ جا،
ڳالهہ دل تان لهي وئي هوندي.

رات جي چپ چپات اونداهي،
ڳجهہ ڪيئي ڳهي وئي هوندي.

سامهون "ڇو" ۽ "ڇا" جا نيز هئا،
ڇا نہ ڇاتي سهي وئي هوندي.

ڪيئن نہ مونکي هوا تي ريس اچي،
ڳل ڳل جا ڇهي وئي هوندي.

SOORIH SINDHI ADAB

دل جو نواب آهيان،
آهيان جناب آهيان.

هرڪو پڙهي سگهي ٿو،
کُليل ڪتاب آهيان.

مشڪل سوال جو مان،
سولو جواب آهيان.

حاصل ڪري سگهين ٿو،
سستو ثواب آهيان،

ڪنهن سان نٿو اُجايان،
ڏايو خراب آهيان.

ڪنهن بي حجاب اک جو،
هلڪو حجاب آهيان.

خوشبوءِ پيو ورهايان،
هان، گل گلاب آهيان.

SOORIH SINDHI ADAB

در ڪليل مونکان پڇي پيو بار بار،
ڪنهنجي آخر آ اچڻ جو انتظار!

موت پي ڏوڪو ڏئي نڪري ويو،
زندگي اڄ ۾ ئي آ بي اعتبار

ڳالهہ توڙي جو هُئي بي معتبر،
معتبر تي پوءِ پي کهڙي ميار!.

روشنيءَ کي هيٺ ئي روڪي ڇڏيان،
چند تارن تي هجي گر اختيار!

گل بهار آئي بہ، ۽ گذري بہ وئي،
پر اچان ڇهرا اُهيئي بي بهار.

نہ هُن ئي ٻڌايو، نہ مون ئي پڇيو،
ٻنهي جو پرم اِئين ئي رهجي وَيو.

اِئين ئي زماني جون ڳالهيون هُيون،
خبر ناهي ڪاوڙ جي ڇا تي اُتيو!

ڪٽي سُور پنهنجا مان هُن وٽ ويس،
مگر هُو تہ پنهنجي ئي پورن ۾ هو.

وَيــو گــم تــي آواز، آواز ۾،
چَيو ڪجهہ تہ هُن، پر الائي ڇا چيو!

هوا ۾ تہ سُڏڪا ئي سُڏڪا هُئا،
ٻڌم جو، سو پنهنجو ئي سُڏڪو هُئو.

مرڻ ويل تو پي نہ سمجهي سگهيو،
ڇپن تي تہ گل تنهنجو نالو هُئو.

سَرد آهُن ۾ ڪا اهڙي آڳ آ،
ننڊ نيڻن کي آ، من کي جاڳ آ،

مس نئين سُر تار ۾ سوچيو هُيم،
ڪنهن وري ڇيڙيو پراڻو راڳ آ.

بند دروازو کُليو آ دير سان،
ڪنهن آ ڀاڳن جو کُلي پيو ڀاڳ آ.

گهر کُلهن تي ٿو ڪنيو پڇندو وتي!
منهنجو پي آخر ڪٿي ڪو ماڳ آ!؟

درد جي آڪا هَوا اهڙي گهلي،
گل! سڄو وايو منڊل ويراڳ آ.

ڪو سُريلو ساز ته ٻڌجي پَيو،
مَٽ پريو آواز ته ٻڌجي پَيو.

ڪا ڳِلي آهي شهر ۾، ۽ اُتي،
ڪو نظارو ناز ته ٻڌجي پَيو.

رازداريءَ ڪي ڪٿي هو حوصلو!
هِن جو هُن ڪان راز ته ٻڌجي پَيو.

عمر پهتي آ اچي انجام تي،
عشق جو آغاز ته ٻڌجي پَيو.

موسمون متجي وَيون گل ڪيتريون!
پر اُهو انداز ته ٻڌجي پَيو.

اجـان تـائيـن اُهـائـي ابـتـدا آ،
ڪـتـي هِـنَ ابـتدا جـي انـتـها آ.

ڪٿيا مـان هَـٿَ سُـبـتا هـا، نـہ اُبـتـا،
دعـا بـڻجـي وَئـي جـو بـد دعـا آ؟

سوين آهن جفائون جن جي وچ ۾،
اڪيلـي ئي تـہ ويـچـاري وفـا آ.

جي ڪنهن کي روبرو چئُ تي شڪايت،
جي پر پٺ چئُ تہ تي پوندي گلا آ.

ڪٿي موتي، ڪٿي تي لڙڪ بڻجي،
ٻڌائـي ڪـو تـہ آخـر بـونـد ڇـا آ؟

وَيـو شايـد تـہ آ احـسـاس مـتـجـي،
اُهـو گـل آ، نـہ ئـي خـوشـبو اُهـا آ.

گھائل من جون گھائل سوچون،
ارمانن جون قاتل سوچون.

من کي سمجھ، نہ سوچن کي ڪا،
پاڳل من جون پاڳل سوچون.

جيڪو سوچان، سو نہ لَھان تو،
پنھنجون سڀ لاحاصل سوچون.

اوسي پاسي جو ڪجھ تئي پيو،
تنھن کان اڄ ڪلھ غافل سوچون.

رستي تي ئي ٽڪجي پيون ھِن،
ڪيئن ٿيون ماڻن منزل سوچون!

مُنھن تي مرڪ نہ آڻيندين گل!
مُرجھايل مُرجھايل سوچون.

تيل وجهندا وَٽِ سوريندا رهو،
ديپ مان پيو ديپ پاريندا رهو.

جي نہ لوچيندا، اهي لهندا بہ ڇا!
ڏينهن اَ، يا رات ڏوريندا رهو.

سَستي شهرت اَ ملي ويندي، مگر
گيت گهٽين ۾ نہ گهوريندا رهو.

ماٽ اَهي موت جو نالو پيو،
ڪجهہ چپڙن کي بہ چوريندا رهو.

آهستي آهستي ساريون ڪلفتون،
قرب جي ڪاتيءَ سان ڪوريندا رهو.

مرڪ پيي ملندوَ ۽ ملندوَ مهڪ پيي،
حال دل جو گل سان اوريندا رهو.

مان بہ جاڳان ٿو، هُو بہ ٿو جاڳي،
ڪير سمجهائي مــن ڳهيلي ڪــي!

ڪيئن ڇڪجي ڪٿي وڃي نڪتس،
مــان الائـي وَيــس پَئـي ڪــاڏي.

تنهنجو ڪـلمڪ ٻڌائي ٿــو چهــرو،
ڪا تہ ڪـاوڙ اجـان بہ آ مــونـتي.

جــاڳ ۾ نــنـڊ ۾ رڳــو ســپــنا،
ڪيڏو سپنن ڇـڏيـو آ الـجهـائـي.

ٻيو ٻلا ڇا رکيو آ شــاعــر وٽ،
تـوکـي گـل گيت سڀ ڇڏيم آرپي.

اهو تارو وَيو گم ٿي سحر ۾،
جو ساري رات هو منهنجي نظر ۾.

نہ ملندو جيستائين ڀئي اکر سان،
نہ معنيٰ ۽ نہ مطلب هڪ اکر ۾.

مگر ڪوئي بہ پرچائڻ نہ آيو،
رُٺو ويٺو رهيو ڪو پنهنجي پر ۾.

وَيس مان پاڻ ڪان ئي بيخبر ٿي،
اچي ويٺو جيئن هُو منهنجي پر ۾.

نہ ڪوئي ديپ آهي، ۽ نہ ڪو گل،
رهيو ڇا هي ڀلا هن اجڙي گهر ۾.

ويسه پنهنجو، گمانُ پنهنجو آ،
ڏرتي ڇا! آسمانُ پنهنجو آ.

گهر ته پنهنجو ڪٿي به ڪونهي ڪو،
پوءِ به سارو جهانُ پنهنجو آ،

ڪنهن کان ورتل نه آ، نه چورايل،
فڪر پنهنجو، ڏِيانُ پنهنجو آ.

ڪيئن به سمجهو، ڀَلو، ٻُرو سمجهو،
جهڙو آ، داستانُ پنهنجو آ.

ڪو ڏسڻ کان نٿو سگهي روڪي،
گل ته ڇا! گلستانُ پنهنجو آ.

وهم تنهنجي دل ۾ يي ويٺو اچي،
منهنجي يي ويساهہ کي ويو ڌڪُ لڳي.

گهر جو توکي ڏس ڏيان ٿو سولڙو،
گهر آ اونداهو، مگر روشن گهٽي.

تو کي، منهنجي دُک جو کيڏو دُک هُئو،
تو ڪَيو اظهار اُن جو هو ڪِلي.

توکي يي کو آ ڏئي ڏوکو وَيو،
ڳالهہ ڪــوڙِي آ، الائي آ سچــــي!!

اوچتو چپ ٿي ويو هو ڳائٹو،
ساز جي شايد ٽٽي پئي تارَ هُئي.

تون يلا ڇو ٿو پڇين پيو بار بار،!!
رات توريءَ کيئن بہ، پر ڪٽجي وَئي.

جيترو گل پاڻ سان ٿو سندر لڳين،
ايتري سندر آ تنهنجي سوچ يي.

ڪري ٿو هڪڙو، ٻيو ٿو ڀوڳي،
قصور دل جو، دماغ سوچي.

بچاءَ جو بند ٽُٽي پَيو هو،
سگهيون نہ پنبڻيون بہ لڙڪ روڪي.

نظر ۾ نفرت نہ سگهندي اُسرِي،
ڏسي اکين ۾ ڪو پيار پوکي.

نہ ٿو مڙي من، ڪيان ڀلا ڇا!
خبر آ، تو مُنهن ڇڏيو آ موڙي.

وري زماني آ موت ڪاڏي،
نواڻ ۾ تو پراڻِ ڳولي.

مگر نہ نڪتو خَيال تنهنجو،
خَيال جو در ڇڏيو هو کولي.

ڏسان ٿو توڏي، آ منهنجي مرضي،
اهو نہ ڳل! اختيار توکي!!

ائين لڳو، جيئن ڪنهن پنيان اَ سڏ ڪيو،
مُنهن ورايم، پر اُتي ڪوئي نہ هو.

موت ڪان پوءِ نيڪِيون ڳڻجن پَيون،
زندگيءَ ۾ ڪيترو بدنام هو.

دوستن جو هر طرف ڪان هو هجوم،
شخص اندر جو مگر تنها هُئو.

اوچتو توسان وَيو ٽڪراءُ ٿي،
زندگيءَ جو هي بہ هو هڪ حادثو.

ٿي شروع توکان، ۽ تو تائين ختم،
سوچ ۾ ڳل بيو نہ آيو ۽ نہ ويو.

پراڻو گيت ڪنهن پئي گنگنايو،
ڪوئي وسريل وري اڄ ياد آيو.

لڳي ٿو، سوچ پئي بدلي آ ٿوري،
ائين جيئڻ وقت پاسو آ ورايو.

رڳو مون لاءِ ڇو آ آزمائش!
ڪڏهن ڪجهه پاڻ ڪي پئي آزمايو.

ائين ٿي عمر ٿي بيڪار گذري،
هِي هلندڙ سال پئي ان ۾ ملايو.

محبت جو، ۽ نفرت جو بحث هو،
خبر ناهي ته ڪنهن، ڪنهن کان پرايو!!

رُئارين ٿو، مگر ڏس پوئتي پئي،
ڪڏهن تو ئي ته مون کي هو کلايو،

نه ماضيءَ ئي ورائي منهن ڏنو آ،
نه ڪو گل حال ئي آ هٿ ملايو.

ڪجهہ نہ هوندي، ڪجهہ تہ آهيان،
جو ٿا سمجهن، سو تہ ناهيان.

غم بہ دل کي غم ڏئي ٿو،
خوش، خوشيءَ ۾ بہ نہ آهيان.

ڪنهن کي ناهڻ لاءِ آخر!
پاڻ کي ويٺو ٿو ڊاهيان!!

چاهہ بہ دل ۾ نہ آ ڪا،
ڪجهہ نہ ڪجهہ پوءِ بہ ٿو چاهيان.

آس ڪا نهي ڪا اچڻ جي،
آسرو پوءِ بہ نہ لاهيان.

گُل! خيالن ۾ الائي،
ڪنهن جي ٿو تصوير ٺاهيان!.

ڪيڏيون آسائتيون اڪيون هونديون،
راهہ ڏسنديون رهيون، نہ آئين تون.

ڪيترو مان نہ آ متو ماريو،
تنهنجي ساڳي اها ئي هان ۾ هون.

ڪنهن جو روئڻ بہ آ ائين لڳندو،
بي سُري سارنگيءَ جي رُون رُون.

”تو“ منهنجان ”تون“ اجان نہ آ نڪتي،
”مان“ تہ ماري ڇڏي آ پنهنجي ”مُون“.

ننڊ هُنن ڪي، هِنن ڪي اوجاڳو،
گل! ڏسڻ ۾ اڪيون بہ هڪ جهڙيون.

جي نہ لفظن ۾ ڪو رچاءُ هجي،
ڪھڙو سِٽ ۾ پلا سنٿاءُ هجي.

سُڪ بيٺا رهيا ائين دَرَ تي،
جڻ تہ سورن جو سُڌ سَماءُ هجي.

ساڳي تصوير روز ڪير ڏسي!
ڪو نظر ڪي نئون نماءُ هجي.

دل جي تارن ۾ آ وري هلچل،
ڪنھنجي يادن جو جڻ ڇهاءُ هجي.

اونداهيءَ ڪي اڪيون هُيون جيڪر،
سارو لِڪَ جو ڏنو لقاءُ هجي.

سارو ماحول گل وَيو رَچجي،
اهڙو نالي ۾ ڪو هُڳاءُ هجي.

پروسو ويڙهو وڃائي،
اڪ ٽتو اڪ سان ملائي،

تجربا آڏو اکين جي،
ڪير، ڪنهن کي آزمائي!!

۽ ڪڏهن پيئڻو پوي ٿو،
زهر ماکيءَ ۾ ملائي.

رات جو قصو سمورو،
ڏينهن تو ويڙهو ٻڌائي.

شخص ڪڙيءَ جي وڃڻ سان،
مرڪ پِي وَئي موڪلائي.

گل! اگهي جڏ لڙڪ پنهنجا،
ڪير تو ڪنهن کي کلائي!!

نظر نظر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!
نگر نگر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!

وري وري پڙهان ٿو هر سُرخي،
خبر خبر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!

ڏٺو اکين هو رات کو سپنو،
سحر سحر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!

سمنڊ اُٿلي پَيو آ سوچن جو،
لهر لهر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!

چکر اُهوئي رات ۽ ڏينهن جو،
پهر پهر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!

نظر ڦري تي "جي" ۽ "گاف" تي ڳل!
اکر اکر ۾ ڇا پَيو ڳوليان!!

ڪنهنجي وارن جو واس ٿو سمجهان،
دل جي ڪو آس پاس ٿو سمجهان.

پنهنجي اندر آ اُتري چانڊوڪي،
توڙي ٻاهر اُماس ٿو سمجهان.

شهر جون رونقون وَيون ناهن،
ورنہ موسم اداس ٿو سمجهان.

پنهنجي رَت سان وفا جو رنگ ڀري،
تنهنجي تصوير راس ٿو سمجهان.

ويئي ويئي خوشيءَ جو احساس،
ڪنهنجي پوري ٿي آس ٿو سمجهان.

مان اگر ڪنهن کي گل سجاڻان ٿو،
سا، تہ پنهنجي شناس ٿو سمجهان.

اَڄ اُجهائڻ لاءِ پيو ڄارو نہ هو،
سمنڊ جو پاڻي بہ جڻ کارو نہ هو.

در، درين تي ريسمي پردا ٽنگيل،
تن اوڍڻ لاءِ ڪو ڪپڙو نہ هو.

هُن کي چهرو هو، مگر دل ڪانہ هئي،
دل هُئي مون وٽ، مگر چهرو نہ هو.

ڪو مسافر واٽ ويندي پيو منجهي،
ڪوئي ٽانڊاڻو نہ هو، تارو نہ هو.

جي هُئو رستو تہ منزل دور هئي،
سامهون منزل هئي رستو نہ هو.

هوندئن تہ هـا گـلدان ۾ گـل ڪيترا،
جو نظر چاهيو پَئي سو ڪـو نہ هو.

اوچتو ئي ملي وَيو دگ ۾،
امڙو ماٺهو ڪتي هُئو اڳ ۾!

ان سان اڳ ڪان ئي جڻ سجاٽپ هئي.
رَت بڻجي رهيو هو رڳ رڳ ۾.

تنهنجي، منهنجي ملڻ ڪان اڳ ۾ ئي،
ڳالهہ وَئي ڦهلجي سڄي جڳ ۾.

وارَ ڇهري تي جڏ نہ ڪنڊرائي،
چنڊ ڦاسي پوي نہ ڪنهن ڇڳ ۾.

سوچ: ٻيهر جدا ٿيڻ وارا!
ائين نہ ٿئي جو اڪيون هجن دگ ۾!!

ڳالهہ گل جي هجي، ڪٿي مجي،
ڪني ٿنبيل ڏئو نہ آ پڳ ۾.

پتيون پُتيون ٿي وَيون بدن جون،
وَيون نہ مستيون اڃان بہ من جون،

ائين انڌيرن جي پار ڏسندي،
وَيون ٿي گم روشنيون اکين جون.

وري ڪٿي ياڳ پيو آ پلجي!
ڏسان لڪيرون پَيو هٿن جون.

نگاهہ ۾ هئي شفق جي سُرخي،
چپن تي ڳالهيون هُيون چپن جون.

ڪري وَيون گل اداس دل کي،
اداسيون هيترن گهرن جون.

ڪش هڻي سگريٽ جو ٿو سوچِيان،
پنهنجي اندر ۾ زهر ٿو اوتِيان.

مئہ بہ آ، مشروب آ، پاٽي بہ آ،
بي خودي چاهيان ٿو، آخر ڇا پِيان!

آ، وري سامهون اهو ساڳيو سوال،
ٿو جِيان، پر ڪهڙي ڪارڻ ٿو جِيان!

گهر تہ خالي آ، ذهن خالي نہ آ،
مان ڪڏهن پي ڪو نہ ٿو تنها ٿِيان.

درد پنهنجن جا، پراون جا بہ هن،
گل خوشيءَ سان ساڻ سي ڪنهن سان ڏِيان

ٻئي جو تي ويو من آ دوست!
پنهنجو خالي تن آ دوست!

ڪيئن چوان، مان ڪاٺي هوندس!
هوا جي هٿ دامن آ دوست.

پنهنجا تو سڀ روپ ڏيکاري،
دل ٻہ عجب درپن آ دوست!

دور هوائن ۾ ڪو پنڇي،
دل ۾ چيو ڌڙڪن آ دوست!

سوئي هڪ آواز ٻڌڻ لئہ،
دل پي تي وئي ڪَنُ آ دوست!

رات ڪيو دل ياد هو گل ڪي،
صبح صبح درشن آ دوست!

راڄ کي راضي آ ڪرڻو،
ڪوڙ کي قاضي آ ڪرڻو.

پوئتي موٽي پوان ٿو،
حال کي ماضي آ ڪرڻو.

فرض پل پائي شهادت،
غرض کي غازي آ ڪرڻو.

ڪو وري هٽلر جهڙو پيو،
فوج کي نازي آ ڪرڻو.

ڳالهه ڳل هوندي ٻين جي
پاڻ کي راضي آ ڪَرڻو.

گل، غزل ۾ نوان آندي آ،
پر ڪٿي ڪا پراڻ آندي آ.

قرب آيو وري ڪري ڪوئي،
ساڻ رس ۽ رهاڻ آندي آ.

تنهنجي موتين سان پيت آ ڪهڙي!
مان تہ ڏاڙهون جي داڻ آندي آ.

دل بہ ان ڪي ڏسي ٿي پئي پاڻي،
روح ۾ ڪجهہ رڄاڻ آندي آ.

ڪاڏي ڪاراڻ وئي آ وارن جي،
عمر آخر اڇاڻ آندي آ.

تنهن جي چهري ڪي چا ويو ٿي گل!
فڪر ڪهڙي ڦڪاڻ آندي آ!!

من اندر ڪامي ۾ پڃري،
جڻ پکي قاڙو آ پڃري،

شوق پهچڻ لاءِ آتو،
پنڌ پيرن کان نہ نبري.

هرڪو منزل تي رُڪي پيو،
اڳتي منزل کان ڪو نڪري!

ياد ۾ ڪو ياد ناهي،
ڪو وري وِسِرِي نہ وسري.

دل جي ڌرتي خشڪ ٿي وئي،
آس جو گل ڪيئن اُسري.

هوش ڏي وقتي آ لاڙو تي وَيو،
جوش ڪاٽي آ ڪراڙو تي وَيو.

مونکي گهر مجبور تي ڇڏڻو پَيو،
معتبر ساروئي پاڙو تي وَيو.

خوف ناڙي کي بڻايو نانگ هو،
خوف اتريو نانگ ناڙو تي وَيو.

ڏوهہ يي ہئي کي ڏجي، پر ڪيئن ڏجي!
گهر جو ئي گهر سان آ ڏاڙو تي وَيو.

ايترو اندر وَڏي ويو آ ڪلر،
اڪ جو پاٽي بہ ہاڙو تي وَيو.

گل! يلا فطرت کي ڪوئي ڇا ڪري!!
شاعريءَ ڏي ائين ئي لاڙو تي وَيو.

ايترو مان ڪيئن چوان ڪو ڏانءُ آ!
جيــترو اُيــري ڪــو آيــو نــانءُ آ.

هِت اچي وِهندو، اُڏاريندي هُتان،
عادتن اهڙو ئي ٿيندو ڪانءُ آ.

ڪيتري عرصي ڪان ڪو موتيو نہ آ،
خالي گهر جو هارجي پيو هانءُ آ.

زنــدگــي آ، يــا ســفر آ اُس جو!
رستي ۾ ڪاٿي نہ ڪــائي ڇــانءَ آ.

زور ۾، ڪمزور پوندو آ ٽُٽي،
شيشي ۾ ٽامي جو ٽڪريو ٽانءُ آ.

ذوق جو ان ۾ نہ آ ڪوئي سَوال!
ڪنهن ڪي گل خوشبوءِ نہ پوندي پانءِ آ.

ڪنهن جي ڳوڙهن جي مٽان ٽم ٽم هُئي،
يا، ائين ئي روح ۾ رم جهم هُئي!!

هلڪڙن قدمن سان تو هلندو اچي،
جير پيرن ۾ نه هئي، ڇم ڇم هُئي.

ڪوئي اوندهه ۾ ائين هلندو رهيو.
ڪنهن ڏيئي جي ڏور ڪان ٽم ٽم هُئي.

تنهن جي، پنهنجي، يا سڄي سنسار جي!
ڪنهن جي هُر ڪُر هنياءَ ۾ هر دم هُئي!!!

گهاءُ ڀي تنهنجي نظر جو هو پرين!
۽ وري تنهنجي نظر مرهم هُئي.

چنڊ ڀي مون کي هو جڻ پيتل لڳو،
چاندوڪي ڀي پاڻ ۾ گُم سُم هُئي.

گل ته هو پنهنجي ئي مُرڪن ۾ مگن،
رات پر رُئندي رهي شبنم هُئي.

مشورا خفيہ ٿين پيا،
ڏوهہ ويچارا ڏکن پيا.

ڪا تہ ارچڻ آ انهن سان،
ننڍ مان ڇرڪي اُٿن پيا.

حادثو ڪو ياد آيو،
هنيانءُ ۾ جڻ هٿ پون پيا.

آ، اکين مان آب جاري،
دل منجهان شعلا اُٿن پيا.

جي حقيقت ڪان پري ها،
خواب سي ڀٽڪن رلن پيا.

ڳالهہ ڪندن جي نہ آهي،
گل ڪي دل ۾ چڀن پيا.

جج پرائي نچڻ نٿو چاهيان،
هان، مان احمق ٿيڻ نٿو چاهيان.

پنهنجي وس ۾ رُئڻ ﻪ ڪا ٿي آ،
ڪيئن چوان مان کلڻ نٿو چاهيان!

دل ۾ رهندس، مگر خوشي بڻجي،
درد بڻجي رهڻ نٿو چاهيان.

ڪوڙ سان جي ٽِري وڃي فتنو،
پوءِ مان سچ چوڻ نٿو چاهيان.

ڀيو ﻪ تصوير جو تہ رُخ هوندو،
رُخ هڪڙو ڏسڻ نٿو چاهيان.

لفظ! ٿورو تہ ساٿ ڏيو مونسان،
گيت اڌرو ڇڏڻ نٿو چاهيان.

بس، نظر جو سُرور ڪافي آ،
گل کي هٿ سان ڇهڻ نٿو چاهيان.

واءُ تنهنجي دَرَ ڏي واجهايو هجي!
ڪا خبر ڪنهنجي ڪٿي آيو هجي!!!

پير هلندي هلندي ها رُڪجي ويا،
جڻ هلڻ ڪان هنيانءَ هارايو هجي.

جيڪو لمحو مون وٽان گذري ويو،
تي سگهي تو تنهن جي هٿ آيو هجي!

ٻنڌڙن جو ڏيان هو ڇڪجي ويو،
جڻ تہ منهن جي شعر ڳالهايو هجي!

گل! ٻنهي جون ئي اکيون آليون هُيون،
ڪيئن چوان، ڪنهن، ڪنهن کي پرچايو هجي!!

سرد موسم جو ڪو مهينو هو،
پنهن جو پوءِ پي گرم نہ سينو هو.

دال مانـي بہ آ نصيبن تـي،
ڪنهن جي اڌو تہ پورو "مينو" هو.

هڪ پاسي پريت ۽ پَت هئي،
ٻئي طرف ڪان ڪُپت ۽ ڪينو هو.

ذڪر نڪتو ائين ئي "مائوءَ" جو،
ڪنهن چيو، پر اُهو تہ "چينو" هو.

ويٺو هوندس ڪٿي ڪَليسا ۾،
من ۾ پنهنجي تہ گل مَدينو هو.

من مندر مات ۾ هو،
پيار پوڄا پات ۾ هو.

سيج جا ڪنهن سور سمجهيا،
سيڪو سوٽن سات ۾ هو.

رات جا ڪي واعدا ها،
ڏينهن ڏاڍو ٿات ۾ هو.

چؤطرف چهرا ڪِروڙي،
قرب ڪيڏو ڪات ۾ هو.

جسم سُمهٽو هو نه سک ٿي،
سور هڪڙي ڏات ۾ هو.

فلسفو گل زندگيءَ جو،
ميٽ ۾، ۽ مات ۾ هو.

سونهن، سرهاڻ ساڻ ڪانهي ڪا،
روح ڪي رس رهاڻ ڪانهي ڪا:

ڪيئن چوان، مونکي تون سجائين ٿو،
توکي پنهن جي سڃاڻ ڪانهي ڪا.

توکي هيرا ڪپن، ڪپن موتي،
منهنجو ڪيسو آ، ڪاڻ ڪانهي ڪا.

ڪَرُ متي، سر متي هُئو ڪلهه پي،
ان مجي اڄ ٻه آڻ ڪانهي ڪا.

عقل پي مارجي وَيو آهي،
دوست دشمن جي ڄاڻ ڪانهي ڪا.

رنگ ساڳيو اهو پراڻو آ،
گل غزل ۾ نواڻ ڪانهي ڪا.

تا زخم ڪَن واڪا وري،
شايد ٿُتا تاڪا وري،

چڙهئو متي آ چوٽ تي،
کهڙا پچين ڏاڪا وري!

هر گام تي ڪرفيو لڳو،
هر موڙ تي ناڪا وري

اوجهل پراڻا تي ويا،
ڏسجن نوان آقا وري.

ويساهه، بي ويساهه آ،
ڌوڪي جا هن ڌاڪا وري.

تصوير گل بڻجي نٿي،
ٻاهيان پَيو خاڪا وري.

ڏُور ۾ ويجهو اکيون ڏسنديون رهيون،
تنهنجو هر چارو اکيون ڏسنديون رهيون.

ننڊ کي ڪالهي وَئي وئي ننڊ هئي،
ننڊ جو رستو اکيون ڏسنديون رهيون.

ويو اُڏي پنڇي، يا مارِيءَ ور چڙهيو،
خالي آکيرو اکيون ڏسنديون رهيون.

گل تان وهندو اچي دامن ۾ پيو،
آخري ڳوڙهو اکيون ڏسنديون رهيون.

پي ڪا هئي تصوير، اُن تصوير ۾،
تنهنجو گل چهرو اکيون ڏسنديون رهيون.

دل اَ جنهن جي لاءِ اَتي،
ان ڪان ئي جهرڪي ٿي جاتي.

منهنجي مُنهن ۾ ڇا ڏسين ٿو؟
پنهنجي من ۾ پاءِ جهاتي.

آئينو اُجرو اهوئي،
ڪوڙ مُنهن ۾ ڏوڙ پاتي.

ڇور ڇونڪيءَ تي هُئو، ۽
ننڊ ها سي گهر جا ياتي.

گل ڪَئي اَجيان پري ڪان،
ڇاتي ڇاتي سان نہ لاتي.

چهرن ۾ هڪ چهرو آهي،
چهرو جڻ آئينو آهي.

آئيني ۾ پاڻ ڏسان ٿو،
سامهون ساڳيو چهرو آهي.

وقت اُتي ئي رُڪجي ويو آ،
شايد ان جو پاڇو آهي.

ڳالهه اهائي ساڳي هوندي،
پنهنجو پنهنجو لهجو آهي.

پاڻمرادو مرڪي پيو هان،
سوچن ۾ ڪو مرڪيو آهي.

اوسي پاسي گل آ جيڪر
ساهه تہ ڪيڏو سرهو آهي.

ننڊ کي جاڳائيٽو آ،
جاڳ کي تڙپائيٽو آ.

توڙي سي تاڪا ڇَپن جا،
مات کي ڳالهائيٽو آ.

توکان رُسيٽو پوندو آخر،
پاڻ کي پرچائيٽو آ.

ذهن کي آتت آ ڏيٽي،
سوچ کي سرچائيٽو آ.

ڪو غزل يا گيت ڇئي گل!
من نہ ائين بهلائيٽو آ.

اهو ساڳيو اسان جو بخت آهي،
نہ تختو آ، نہ ڪوئي تخت آهي.

لُڙي وَئي رات آ تورو سمهي پئُ،
پلا جاڳڻ جو هي ڪو وقت آهي!

ٽِڪائي ڪو سگهيو منظر نہ چهرو،
اڃان جاري نظر جو گشت آهي.

وڃن تا پَرَ ڪري پوءِ پي اڏامي،
خَيالن تي تہ پهرو سخت آهي.

ائين گل ڇو پلا مرجهائجن ها!
ڪيو مالهيءَ نہ بندوبست آهي.

واءُ کي کو وَنگ ناهي،
سوچ جو کو ڏَنگ ناهي.

سور سڀ ماپي وَيا هن،
دل جو دامن تنگ ناهي.

مونکي ڀي جيئڻ جو لوکو!
ڍونگ آ، پر ڍنگ ناهي.

تون کڏهن ناهين اڪيلو،
مونسان ڪوئي سنگ ناهي.

سوچ آئيني جان اُجري،
ذهن، تي جي زنگ ناهي.

ڪيترن رنگن ۾ ملندو،
گل جو هڪڙو رنگ ناهي.

روشنيءَ کان پري پَيو آهين،
تون اونداهي جو ڪو حصو ناهين.

رات جو سچ کي پَيو ڳولين،
ڏينهن جو چنڊ کي ڏسڻ چاهين.

ڇو مٽيءَ سان پلا پيو ڪيڏين!
پاڻ ٿاهي وري پَيو ڍاهين.

سوئي مجرم آ، سوئي آ منصف،
ڪير ڪنهن تي پلا ٿئي دانهين!

ڪنهن ائين ئي پڇيو هو ڳل شايد،
شعر ڇاجي ڪري پيو ٿاهين!

لوڪ ڪان لڪندو وتي، ڇپندو وتي،
هر تماشو هيئن به ڪو ڏسندو وتي.

مار ڪائي آ ويو هر اعتبار،
هر ڪو پاڇي کان به ٿو ٻجندو وتي.

پنهنجي ئي ڪنهن دک تي آهي روئيو،
ٻئي جي دک تي ڪير ٿو رئندو وتي!

ياد اُن جي رَت ۾ وَئي آ ملي،
هر گهڙي ڪو هنيانءَ تي هلندو وتي.

پنهنجو پنهنجو ظرف آ، پنهنجو ضمير،
گل ته غيرن سان ڳلي ملندو وتي.

جنهن کي اچڻو هُئو، اچي پهتو،
پيار جي اڳ ۾ پڄي پهتو،

ساز هٿ ۾ ۽ گهنگهرو پيرن ۾،
نينهن ناچوءَ جيان نچي پهتو.

راهه ۾ ڪيترين هُيون نظرون،
پنهنجي نظرن کان ڀي بچي پهتو.

پيار سياست مان ڇا ڀلا ڄاڻي!
ڪوڙ سان ڀي ڪري سچي پهتو.

سو ته چهرو ئي گل ٻڌائي ٿو،
راض، ۽ رمز ۾ رچي پهتو.

SOORIH SINDHI ADAB

هوريان هوريان وَئي وِڻي پوندي،
هاڻي گذري هَوا ائين ڇوندي.

ڏوهه ڏينهن ڏي ڏيڻ اچايو آ،
رات ڪجي رات ٿي وجي گهندي.

هيتريون رونقون نگاهن ۾،
دل جي ويراني ڇو وجي وڌندي؟

شوق اڳتي ٿو جيئن وجي وڌندو،
سوچ پوئتي ٿي تيئن وڃي رهندي.

ڇَپَ محروم جي وڃن رهجي،
پوءِ نظر ئي نظر ڪي آ ڇمندي.

ڀئي جي صورت ڇِٽڻ ته سولي آ،
پنهنجي تصوير گل ڏکي لڳندي.

SOORIH SINDHI ADAB

ائين پيو پاسي تہ دور ساڳيو آ،
شهر ساڳيو آ شور ساڳيو آ.

نچندي نچندي ڏسي ٿو پيرن ڏي،
لڙڪ ساڳيا ۽ مور ساڳيو آ.

هِي بہ ويڙهي ازل کان هڪ ٻئي جا،
نانگ ساڳيو آ، نور ساڳيو آ.

ڪوئي لِڪَ ۾ لٽي ڪو ظاهر ۾،
هِي بہ هُن جهڙو چور ساڳيو آ.

ذهن اَجا اجان ڪٿي اَهن!
سوچ ساڳي آ، غور ساڳيو آ.

هُن جي طرفان ڌڪار هوندي گل!
پيار پنهنجي جو زور ساڳيو آ.

SOORIH SINDHIADAB

گيتن کي ڪوئي سمجهي!
جذبن کي ڪوئي سمجهي!

تصوير ڪجهه نه چوندي،
رنگن کي ڪوئي سمجهي!

سپنا به ٿي پون، پر
سپنن کي ڪوئي سمجهي!

ڇو دل اُٿي ٿي تڙڪي؟
تڙڪن کي ڪوئي سمجهي!

منزل ملي به ويندي،
رستن کي ڪوئي سمجهي!

ڇا ٿا چوڻ هي چاهن!
چهرن کي ڪوئي سمجهي!

هڪ هڪ جدا جدا آ،
حرفن کي ڪوئي سمجهي!

هر گل سان گڏ ڇو آهن؟
ڪنڊن کي ڪوئي سمجهي!

SOORIH SINDHI ADAB

غلام نبي گل جي شاعريءَ ۾ ڪٿي مينديءَ جي مهڪار پليڪار چوندي، ڪٿي سؤنف جي سرهاڻ آجيان ڪندي، ته ڪٿي سرنهن جي خوشبوءِ ڪيڪاريندي نظر ايندي.

استاد بخاري

جنوري ١٩٩١ع

غلام نبي گل جي شاعريءَ ۾ وڏي ميچوئرٽي آهي، سوچ، فڪر ۽ فن جو سنگم آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيترا اهڙا شعر آهن جن کي ڪاٽي، ڪنهن نه ڪنهن مسئلي، لڪت، يا مضمون جو عنوان ٻڌائي سگهجي ٿو.

سوڀو گيانچنداڻي

جنوري ١٩٩١ع

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوڀار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488